# صبح ٿيندو





Gul Hayat Institute

رسول بخش پليجو

سنڌي عوامي ڪتاب گهر حيدرآباد، سنڌ

# صبح ٿيندو

رسول بخش پليجو

Gul Hayat Institute

سنڌي عوامي ڪتاب گهر
٨٠ - بي لطيف آباد ٤، حيدرآباد سنڌ

تعداد: ۲ هزار

ڇاپو: ٻيون، فيبروري ۱۹۷۴ع.

قيمت: ٽي رپيا

ڇپائيندڙ: قاسم پٽر

ڇپيندڙ: سهڻي پرنٽرس، الهندو ڪڇو، حيدرآباد.

Gul Hayat Institute

# ترتيب


| مضمون | حوالو | صفحو |
|---|---|---|
| ١. سنڌي عوام کي بنيادي سياسي تعليم ڏيو | ["تحريڪ" - نومبر ١٩٧٢] | ٥ |
| ٢. وڏيرا شاهي خلاف جدوجهد قومي جدوجهد جو لازمي حصو آهي | ["تحريڪ" - مارچ ١٩٧٣] | ١٥ |
| ٣. صحيح قومي پنڌيءَ لاءِ جدوجهد ڪريو | ["تحريڪ" - اپريل ١٩٧٣] | ٢٩ |
| ٤. قومي جدوجهد جو وڏيرڪو نظريو | ["تحريڪ" - مئي ١٩٧٣] | ٣٩ |
| ٥. قومي جدوجهد جو سنڌي وچين طبقي وارو نظريو | ["تحريڪ" - آگسٽ ١٩٧٣] | ٥١ |
| ٦. ڪوڙو تون ڪفر سين ڪافر مَ ڪوناءِ | ["تحريڪ" - ڊسمبر ١٩٧٢ ۽ جنوري- فيبروري ١٩٧٣] | ٦٣ |
| ٧. قومي جدوجهد جو پناهگير - پنجابي نقلي ترقي پسند نظريو | ["تحريڪ"- آڪٽوبر ١٩٧٣] | ٨٩ |
| ٨. قومي جدوجهد جو سنڌي انقلابي وطن- دوست نظريو | ["تحريڪ"- جنوري ١٩٧٤] | ١٢٣ |


Gul Hayat Institute

# ڀلنامو

| صفحو | سٽ | غلط | صحيح |
|---|---|---|---|
| ٧ | ١١ | نا | آن |
| ١٢ | ١٢ | ٿنوير | تنوير |
| ١٦ | ١١ | دشنن | دشمنن |
| ١٩ | ١٣ | واڄ | راڄ |
| ٦٧ | ٢٠ | زار شاهي- روسي .... | زار شاهيءَ- جون روسي .... |
| ٧٥ | ١٠ | ١٩٧٣ | ١٩٧٢ |
| ٧٥ | ٢٤ | ته آن | ته هو آن |
| ٨٨ | ١٩ | ڊسمبر ١٩٧٢ | جنوري فيبروري ١٩٧٢ |
| ١٠١ | ١١ | (٤) | -٤ |
| ١٢٥ | ٢١ | جهدوجهد | جدوجهد |
| ١٢٨ | ١٦ | پورهيپ | پورهيت |
| ١٢٩ | ٢ | انهن | ان |
| ١٣١ | ١٥ | هڪ | |
| ١٣٢ | ١٧ | | [”تحريڪ“- آڪٽوبر ١٩٧٣] |

Gul Hayat Institute

# صبح ٿيندو

Gul Hayat Institute

# سنڌي عوام کي بنيادي سياسي تعليم ڏيو

●

سنڌي عوام جي انقلابي ۽ وطن دوست جدوجهد گذريل ٿورن سالن ۾ تاريخي واڌارا ڪيا آهن ۽ اهم فتحون حاصل ڪيون آهن. سنڌي قوم جي سياسي سمجهه ۽ شعور جو معيار اڳ جي ڀيٽ ۾ ڪافي مٿي ٿيو آهي.

ساڳئي وقت اُنهيءَ جدوجهد ۾ اسان جون ڪيتريون قومي ڪچايون، اوڻايون ۽ ڪوتون به ٿوري عرصي اندر ظاهر ٿي پيون آهن. گذريل تجربي ڏيکاريو آهي ته جنهن وسيع، گهري ۽ جٽادار قومي ٻڌيءَ کان سواءِ اسان جي ڪاميابي ناممڪن آهي، تنهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اسان کي تمام وڏي عرصي لاءِ جدوجهد ڪرڻي پوندي ۽ ڪيتريون وڏيون رڪاوٽون ۽ مشڪلاتون دور ڪرڻيون پونديون.

## قومي ٻڌيءَ لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي!

سڄي قوم قومي مسئلن تي ٻڌي ڪري، گڏجي، اڪٽي وڙهي، تنهن لاءِ لازمي آهي ته اسان جي بنيادي قومي سوچ ساڳي هجي، قومي مقصد ساڳيا هجن ۽ اڪٽي وڙهڻ جو رخ ۽ لاڙو ساڳيو هجي. اسان کي خبر هجي

تہ اسان کي ڪهڙي واٽ ورتي آهي. ڪهڙن ورن وڪڙن، پيچرن ۽ لڪن مان لنگهڻو آهي. ڪٿي ڪٿي رستي تان ڦلجڻ يا ٿڙڻ جو خطرو آهي ۽ ڪيئن اُن کان بچجي. ٻين لفظن ۾، ڪامياب انقلابي وطن-دوست جدوجهد لاءِ ۽ قومي ٻڌيءَ لاءِ اسان وٽ صحيح انقلابي ۽ عوامي وطن-دوست (١) مقصد، (٢) جذبو، (٣) واٽ ۽ (۴) ڪم جو ڍنگ هئڻ گهرجي.

اُنهن ڳالهين سکڻ ۽ پرائڻ لاءِ اسان وٽ چار مکيہ ذريعا ۽ وسيلا آهن. پهريون ذريعو آهي انساني سماج جي واڌاري جي جدلي قانونن جي ڄاڻ. انسان فطرت جو حصو آهي. انساني سماج جو واڌارو بہ اُنهن قانونن جو پابند آهي، جيڪي فطرت جي ٻين شين سان لاڳو آهن. اسين فطرت جي ذري گهٽ اڻلکي قانونن جي واقفيت ۽ ڄاڻ جي روشنائيءَ جي مدد سان اڳتي وڌنداسين، تہ ڪامياب ٿينداسين، پر جي اُنهن جي خلاف هلنداسين، تہ اُهو غير فطري ۽ غيرسائنسي ڪم لازمي طور ناڪام رهندو.

ٻيو ذريعو آهي انساني سماج جي تاريخ جي سائنس يا تاريخ ماديت، جنهن مان اسان کي خبر پوي ٿي تہ انساني سماج ڪهڙن قانونن مطابق، ڪهڙن ڪهڙن ڏاڪن ۽ ڪهڙين واٽن تان لنگهي، هتي پهتو آهي ۽ سندس آئيندي جو رخ، لاڙا، واٽون ۽ منزلون ڪهڙيون نظر اچن ٿيون.

ٿيون ذريعو آهي اسان جي پنهنجي وطن ۽ قوم جو تاريخي تجربو، جنهن مان اسان کي خبر پوي ٿي ته اسان جي قوم ۽ اسان جو وطن ڪهڙي خاص واٽ ڏيئي، هتي پهتو آهي، ۽ انساني قافلي ۾ اڳي، هاڻ ۽ اڳتي سندس جڳهه ڪهڙي پئي رهي آهي، ۽ ڪهڙي رهڻي آهي.

انقلابي وطن-دوست جدوجهد جي صحيح رخ ۽ لاڙن، منزلن ۽ واٽن سمجهڻ ۽ رٿڻ ۽ انهن تي هلڻ لاءِ چوٿين مکيه مدد اسان کي اڄوڪي انقلابي دور جي انقلابي قومي تحريڪن ۽ اڳواڻن جي تاريخ جي مطالعي سان ملندي.

انهن سمورين ڳالهين جي پڪي ۽ پختي ۽ ڄاڻ کي گڏي انقلابي علم ۽ سائنس ڪوٺجي ٿو. اها سائنس گذريل، سوا سؤ سالن ۾ ٺهي جڙي آهي. ان جي ٺهڻ ۾ ڪروڙين انسانن جو تجربو، جدوجهد، خون ۽ قربانيون آهن. هزارين اعليٰ، نيڪدل ۽ انقلابي عالمن، اڪابرن ۽ مجاهدن جون دليون ۽ دماغ، عقل ۽ ڏاهپ ڪتب آيا آهن. انسان ذات جي واڌاري جي دشمنن، سرمائيدار ظالمن ۽ قومن کي غلام بنائي ستائيندڙن اُن علم ۽ سائنس کي پڙهڻ، سمجهڻ ۽ آزمائڻ تي سخت بندش وڌي آهي ۽ ان لاءِ سخت سزائون پئي ڏنيون آهن. اُن ڪري دنيا جو گهڻو عوام ان جي بي پناهه

Gul Hayat Institute

فائدن کان محروم رهجي ويو آهي. سنڌي عوام کي پنهنجي عوامي وطن-دوست جدوجهد جي ڪاميابيءَ لاءِ ان علم ۽ سائنس جي ڄاڻ جي سخت ضرورت آهي.

## انقلابي سائنس جو سنجيده ۽ گهرو مطالعو گهرجي

انقلابي سائنس البت ڪجهه ڏکي ۽ پيچيدي سائنس آهي، ۽ ڪافي گهري ۽ سنجيده مطالعي ۽ غور بعد سمجهه ۾ ايندي.

پر ان کي سمجهڻ بنان ڪابه تحريڪ نه وجود ۾ اچي سگهي ٿي ۽ نه ئي وري مشڪل ۽ ورن وڪڙن واريءَ جدوجهد ۾ پير پختا رکي، اڳتي وڌي ويجهي ۽ ڪامياب ٿي سگهي ٿي.

تنهن کان سواءِ رڳو ڪن ٿورن عالم قسم جي ماڻهن کي اها سمجهي به چڏي، ته به ان جو تيستائين ڪوبه فائدو ٿي نه سگهندو، جيستائين اهي ان کي عملي ميدان ۾ ڪتب آڻڻ جو هنر به سکن ۽ خاص ملڪي حالتن موجب آن ۾ گهربل نوان واڌارا ۽ سڌارا نه ڪن.

اهو عمل ڪامياب ٿئي، تنهن لاءِ وري اها ڳالهه لازمي آهي ته عوام نه، ته به عام ڪارڪن ته ضرور ان جون تمام بنيادي ۽ لازمي ڳالهيون چڱيءَ طرح پروڙي وٺن.

اسان جا عام ڪارڪن اڪثر اڻ پڙهيل آهن. ڪي ٿورا ٻه چار درجا انڌا منڌا پڙهيل آهن. سنڌي انگريزي ڄاڻندڙ ۽ اعليٰ تعليم يافته ڪارڪن نه هئڻ جي

Gul Hayat Institute

برابر آهن. تنهنڪري انقلابي سائنس جي تعليم جو نصاب به، في الحال ۽ فوري مقصد لاءِ، مواد توڙي بيان جي خيال کان، ڪجهه ٿورو به هجي ۽ بلڪل آسان به هئڻ کپي. تجويز طور ان جو خاڪو هيٺ پيش ڪجي ٿو.

الف:- انقلابي سائنس جي تعليم مقدار ۾ ڪيتري به ٿوري هجي، پر معنيٰ ۽ مفهوم جي خيال کان اُها اعليٰ کان اعليٰ سطح جي هجي، بلڪ بين الاقوامي معيار جي هجي، اُن ۾ ڪابه ڳالهه غلط نه هجي، ڪوبه ضروري پهلو نظرانداز نه ڪيل هجي، ڪنهن به پهلوءَ تي اجايو گهڻو زور نه ڏنل هجي. مطلب ته اها اهڙي معيار ۽ مقصد واري هجي، جنهن ۾ هر احوال، ڳالهه، نظريي يا واقعي جو سڀ طرفو، تاريخي، صحيح توازن وارو، سلسليوار، جدلي (يعني ارتقائي توڙي انقلابي تبديلين کي واضح ڪندڙ)، ڪڙي ڪڙيءَ سان مليل، پاڻ ۾ نهڪندڙ، اصلي روپ ڏيکاريل هجي.

ب:- بيان جي ڍنگ جي خيال کان اهم احوال اهڙو تمام سادو، سنئون سڌو، صاف، چٽو، مڪمل، ۽ پيچيدگين، مونجهارن، خالي علمي مفروضن ۽ استعارن، اجاين پٽاڙن ۽ سڪٽين لفظن کان پاڪ ۽ مختصر هجي، ۽ ساڳئي وقت مطلب سان اهڙو ڀرپور هجي، جو اڻ پڙهيل ماڻهوءَ کي پڙهي ٻڌائجي، ته هڪدم سڄي ڳالهه سمجهي وڃي ۽ هڪدم محسوس ڪري ته ڪا تمام وڏي، تمام ڪم جي، تمام نئين ۽ تمام وڻندڙ سرهائي

Gul Hayat Institute

ڏيندڙ، دل ۽ دماغ جي ڪايا پلٽيندڙ ڳالهه بڻدي اٿم، جا وسارڻ سان نه وسرندي.

ٽ. ساڳئي وقت آن سادگيءَ ۾ اهڙو ته فن هجي، اهڙو ته اثر هجي، اهڙي معنوي پختگي ۽ قوت هجي، جو پي. ايڇ. ڊي. پڙهيل ماڻهو، جو اڳ هن سائنس جو پاڻ کي عالم سمجهندو هجي، سو به هڪدم محسوس ڪري ته هيءَ ڳالهه پهريون دفعو صاف ۽ مڪمل اچ سمجهي اٿم.

ان مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل معيار جي درسي ڪتابن جي ضرورت آهي، جن کي ٽن ڀاڱن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

پهريون ڀاڱو: هن ڀاڱي ۾ اهڙن ڪتابن جا ٽي درجا هئڻ گهرجن.

(الف) درجو پهريون- اهڙا ڪتابڙا، جن ۾ انقلابي سائنس ۽ تاريخ جي تعليم تي دلچسپ ڪهاڻيءَ ۽ رنگين داستان جو گهرو رنگ چاڙهيل هجي. پڙهندڙ ان ۾ آيل اصولن ۽ نڪتن کي فقط اتفاقي سمجهن، پر انهن جو اڻ سڌيءَ طرح گهرو اثر ضرور قبول ڪن. آن لاءِ هيٺيون رٿون پيش ڪجن ٿيون:

موجوده دور ۾ جن قومن عظيم جدوجهدون هلائي، آزادي حاصل ڪئي آهي ۽ پنهنجي عوام کي ظلم، غلاميءَ، جهالت ۽ غربت کان نجات ڏياري آهي، تن جي، مثلاً لينن، هوچي مين، مائوزي تونگ، سوئيڪارنو،

ڪم اِل سنگ، جمال ناصر، فيدل ڪاسترو، جهڙن اڳواڻن، ۽ جديد انقلابي سائنس جي علمي ۽ سائنسي پايي وجهندڙ عالمن ۽ داناءُ، ڪا ل مارڪس ۽ اينجلس، جي رنگين ۽ ڊراماڻي زندگين ۽ سندن بيمثال ذهني ۽ عملي ڪارنامن کي، ڪهاڻيءَ ۽ داستان جي رنگ ۾، پيش ڪجي. اُنهن داستانن ۾ سندن لکڻين ۽ ڪارنامن جو بيان ڪندي، لازمي طور انقلابي سائنس ۽ تاريخ جا سوين نڪتا نڪرندا، جي ڪهاڻيءَ جي انداز ۾ صاف، چٽي ۽ مزيدار نموني سمجهائي وڃن.

(ب) ٻئي درجي جي ڪتابن ۾ انقلابي تاريخ جي ڊراماڻي تاريخي واقعن جو داستان پيش ڪجي، ۽ اُن جو ڍنگ مٿي ذڪر ڪيل هئڻ گهرجي. اُهي ڪتابڙا فرينچ انقلاب، پئرس ڪميون، ١٩٠٥ع جي فيبروري انقلاب، ١٩١٧ع جي آڪٽوبر انقلاب، جنگ عظيم، چيني، ڪوريائي، انڊونيشي، مصري، ويٽنامي، ڪيوبائي انقلاب، عظيم چيني ثقافتي انقلاب، موجوده پاڪستاني جمهوري انقلاب جي رنگين داستانن بابت هجن.

(ت) ٽئين درجي جي ڪتابڙن ۾ ١- سائنسي سوشلزم جي ڪهاڻي، ٢- انقلاب جي سائنس، جدلي ماديت، ٣- تاريخ جي سائنس، تاريخي ماديت، ٤- عوامي انقلابي وطن- دوست جدوجهد، عالمي انقلابي جدوجهد جو اهم ترين مورچو، ٥- قومي ۽ طبقاتي جدوجهد پاڻ ۾ ساٿي آهن نہ مخالف، ٦- سوشلزم ڇا ناهي- سوشلزم

Gul Hayat Institute

بابت ڦهلايل ڪوڙا افسانا ۽ ڏند ڪٿائون، وغيره، ڏکيرڙا مضمون تمام دلچسپ نموني، يعني عام انگريزي ۾ Popular-Science جي لکيل ڪتابڙن جي انداز ۾ لکجن. (ياد رهي ته ايٽمي سائنس، علم نجوم، نباتات، علم الارض بلڪ خود رياضيات جي Theory of Relativity جهڙن خشڪ ۽ بور سائنسن بابت اهڙا ته دلچسپ ۽ آسان ڪتاب لکجي ويا آهن، جي ماڻهو پڙهيو، پائڻي ته هي ته تمام دلچسپ ۽ آسان ڳالهيون آهن.)

ياڳو ٻيو:- عوامي انقلابي وطن-دوست جذبي سان ڀرپور چونڊ سنڌي ادب، شعر ۽ تاريخ ڇاپي وڃي، جيئن (١) شاه، اياز، خليفي نبي بخش، سرويچ، نياز، تنوير، امداد، استاد بخاريءَ ۽ ٻين انقلابي وطن-دوست شاعرن جا تمام خبرداريءَ ۽ ڌيان سان چونڊيل، چونڊ ڪلام؛ (٢) سنڌي تاريخ جا چونڊ واقعا ۽ ڪارناما؛ (٣) قوم جي جذبي ۽ سمجهه کي بلند ڪندڙ چونڊ سنڌي ڪهاڻيون، تلخيص ڪيل ناول ننڍن ڪتابڙن جي صورت ۾ شايع ڪجن.

ياڳو ٽيون: دنيا جي انقلابي وطن-دوست قومن جي اڳوڻي خواه هاڻوڪي ادب جا شاهڪار چونڊي ۽ ڪجهه مختصر Condense ڪري، پر ساڳين لفظن ۾، شايع ڪجن.

انهيءَ لاءِ سنڌي عوام کي، هيءُ هڪ مکيه قومي فرض سمجهي، پنهنجي سياسي ۽ نظرياتي اڻ جاڻائيءَ

Gul Hayat Institute

خلاف جدوجهد ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي ذهن کي صحيح سوچ ۽ صحيح ڄاڻ سان هٿيار بند ڪرڻ کپي. خاص ڪري، هر انقلابي وطن-دوست هاريءَ، پورهيت، شاگرد، استاد، اديب، عالم ۽ دانشور قومي ڪارڪن جو فرض آهي ته هو هن اهم بنيادي قومي ڪم کي هٿ ۾ کڻن ۽ پنهنجي عوام ۽ قوم جي واڌاري جي راهه روڪيندڙ سياسي اڻ ڄاڻائيءَ جو پربت ڊاهي پٽ ڪن، نه ته ان اڻ ڄاڻائيءَ لاءِ اسان کي ڪو زمانو ڳريون قومي ڇتيون ۽ نقصان ڀرڻا پوندا. اسان جي راهه اڻانگي، لمبي ۽ ڪٺن آهي، ان لاءِ هينئر کان ئي تياري ڪرڻ کپي.

هي تان تورڙيون جي تو پورا پانڌيون،
راتيون پيون گهٽيون، جي تو ايندين هيڪلي.

جيڪي سنڌي هاري، پورهيت، شاگرد، استاد، اديب ۽ دانشور قومي ڪارڪن انهيءَ ڪم ۾ پاڻهن ڀيلي ٿيڻ لاءِ تيار هجن، ۽ انهن سياسي تعليمي ڪتابڙن لکڻ، نقل ڪرڻ، انهن کي هارين، پورهيتن، شاگردن، پڙهيلن ۽ ٻئي عوام تائين پهچائڻ ۽ وڪڻڻ لاءِ ڪارائتيون رٿن، صلاحن، لکڻين، مالي مدد ۽ جسماني پورهئي لاءِ تيار هجن، سي سنڌي عوامي تحريڪ (ڳاڙهي ڪاٽو، حيدرآباد) جي دفتر ۾ اچن، ۽ پنهنجون خدمتون پيش ڪن. سنڌي عوامي تحريڪ طرفان انهيءَ سلسلي ۾ هوچي ٥ن، ٨اڱوڙي ٿونگ شايع ٿي چڪا آهن.

۽ هاڻ روس جي برک انقلابي ڪامريڊ **لينن جي سوانح حيات** ■ شايع ڪري پيش ڪئي ويندي.

[”تحريڪ“ نومبر، ١٩٧٢]

---

■ هن سلسلي ۾ وڌيڪ هي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن:

١- قيديائي جي ڊائري

٢- جيڪي بنگال سان ٿيو

۴- جي ماريا نہ موٽ

Gul Hayat Institute

# وڏيرا شاهيءَ خلاف جدوجهد قومي جدوجهد جو لازمي حصو آهي

●

سنڌي قوم سان روز ازل کان وٺي ڀٽو ويل آهي. هڪڙي پاسي گهر ۾ ويٺل دشمن يعني وڏيرا، مير، پير ۽ ملان سنڌين مٿان پيا ڪرتين، ته ٻئي پاسي نت نوان ٻاهريان ڦورو ٽولا سنڌين باقي رهيل ميڙي چونڊي ناس ڪريو وجن. سوال آهي ته انهن ٻن بلائن مان ڪنهن ڪي منهن ڏجي؟

سنڌي عوام جي ڀاڙيءَ واري اڪثريت وڏيرا شاهيءَ خلاف دانهون ٿي ڪري، ان کي پنهنجو اصل دشمن ٿي ليکي، ۽ ان جي خلاف جدو جهد کي ئي ڀهرين اهميت ڏئي ٿي. شهرن جا پڙهيل ڳڙهيل سفيد پوش رکو پنجابي - پناهگير سامراج خلاف جدوجهد کي ئي اهميت ڏين ٿا؛ سنڌي عوام جي وڏيرا شاهيءَ خلاف جدوجهد کي به اهميت نٿا ڏين. انهيءَ ڪري قوم جي گهڻي پورهيت عوام ۽ ٿوري سفيد پوش طبقي جي وچ ۾ ڪو به اتحاد پيدا ٿي نٿو سگهي. پڙهيل هڪڙو راڳ پيا آلاپين، ته اڻ پڙهيل عوام ٻيو. جڏهن ڪا ڳالهه ٿئي ٿي ۽ پڙهيل طبقو سنڌ - دشمنن سان ٽڪر کائي ٿو، ته ٿوريءَ دير ۾ ئي ڪيس پنهنجي اڪيلائيءَ جو احساس ٿيڻ لڳي ٿو ۽ هو مايوسيءَ وچان سوچڻ لڳي

ته سنڌي قوم ۾ قومي غيرت ناهي.

اُن جو بنيادي ڪارڻ اهو آهي ته سنڌي پڙهيل طبقو سنڌي عوام جي نقطي کي سمجهڻ جي ڪوشش نٿو ڪري، ان جي مسئلن کي نظر انداز ڪري ٿو، اُن جي دشمنن کي پنهنجو دشمن نٿو ليکي، اُن جي جدوجهد جي پٺڀرائي نٿو ڪري؛ رڳو پنهنجي مطلب جي ڳالهه ٿو ڪري ۽ چاهي ٿو ته سنڌي پورهيت عوام پنهنجي مطلب جون ڳالهيون ڇڏي، رڳو پڙهيلن جي مطلب جي ڳالهين لاءِ جدوجهد هلائي.

اُن جو حل اهو آهي ته ٻيئي ڌريون هڪٻئي جي مسئلن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪن ۽ هڪٻئي جي دشمن خلاف گڏجي جدوجهد هلائين.

پڙهيل پنهنجو مطلب اخبارن، رسالن ۽ تقريرن ذريعي سالن کان بيان ڪندا رهيا آهن. هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌين جي زبردست اڪثريت، يعني ٻهراڙيءَ جي هاريءَ ۽ پورهيت عوام، جي سڀ کان وڏي مسئلي، يعني وڏيراشاهيءَ خلاف جدوجهد، جي اهميت کي سمجهجي.

سنڌ جي نيڪ نيت ۽ انصاف پسند ماڻهن ۾ انهيءَ ڳالهه بابت گهڻو مونجهارو آهي. وطن جا ڪيترا گهڻگهرا ۽ پڙهيل ڳڙهيل سنڌي ماڻهو پرمارن جي خلاف جدوجهد جي اهميت سمجهن ٿا، پر وڏيرا شاهيءَ جي خلاف عوامي جدوجهد جي بنيادي اهميت نٿا سمجهن.

هو سمجهي ٿا سگهن ته وڏيرا شاهيءَ خلاف جدوجهد قومي جدوجهد جو تمام اهم ۽ لازمي حصو آهي، ۽ وڏيرا شاهيءَ خلاف عوامي جدوجهد جي پنڀرائي ڪرڻ کان سواءِ ”جيئي سنڌ“ جي قومي جدوجهد هرگز اڳتي وڌي، مضبوط نه ٿيي ٿيي سگهي. اُن کان سواءِ قومي جدوجهد جي ڪامياب ٿيڻ جو سوال ئي پيدا ٿي نٿو سگهي. اڪثر سمجهو، نيڪ نيت ۽ وطن جا گهڻگهرا ماڻهو اِنهيءَ باري ۾ گهڻي ڀاڱي هيٺئين نموني سوچين ٿا:-

(١) اسان جو اصل دشمن پناهگير- پنجابي سامراج آهي. اُهو سنڌ- دشمن پناهگير- پنجابي وڏو زميندار، سرمائيدار، ڪوڙو ڪليمنٽ، پرمار وچون طبقو آهي، جنهن ٢٥ سال سنڌ توڙي سڄي پاڪستان کي مال غنيمت سمجهي، ڦريو، لٽيو ۽ ڇپاڙيو آهي. انهن جي تازي ۽ فاشست ذهنيت جو بدترين مثال اوير پاڪستان واري ڪربلا آهي. نه رڳو سنڌ پر سڄي پاڪستان جي مظلوم ماڻهن ۽ قومن جو فرض آهي ته پاڻ ۾ گڏجي، انهيءَ آفت کي منهن ڏين، ۽ پنهنجون قوتون ڪنهن به ٻئي مورچي تي ضايع نه ڪن. خاص ڪري سنڌين جهڙي چوڌاري طرف گهيريل ۽ ڪوڙيل قوم کي ٻئي ڪنهن به ڌڌي ۾ پوڻ نه گهرجي.

(٢) وڏيرا ڪٿي ڪهڙا به آهن، ته به آهن ته پنهنجا، هونئن به وڏيرن جو اڳوڻو زور ڪونهي. وڏيرا-

Gul Hayat Institute

شاهي آهستي آهستي ختم ٿي، پاڻيهي پنهنجي موت مري ويندي. پر ڇا به ڪٿي هجي، هي نازڪ ۽ ڏکيو وقت آهي. هي گهر جي پاتين سان وڙهڻ جو ٽائيم ڪونهي. هيئنر سڀ ڱڙي مُٺ ٿيون ۽ سنڌ-دشمن سان مقابلو ڪري سنڌ بچايون. پوءِ جڏهوڪا لُڙَ تڏهوڪا پاڻي. جي پوءِ به وڏيرن گهٽي گهٽي ڪٽي، ته انهن کي به ڏسي وٺبو.

(٣) پر جي هرويرو سمجهجي ڪٿي ته ٻاهريان سنڌ-دشمن ۽ سنڌي وڏيرا شاهي هڪ جهڙا دشمن آهن، ته به هڪڙي وقت تي ٻنهي سان وڙهڻ بيوقوفي ٿيندي. اول ٻاهرين سنڌ-دشمن کي منهن ڏيئي سنڌ بچائجي، پوءِ هنن اندرين سنڌ-دشمن کي به ٺيڪ ڪري ڇڏبو.

اِنهيءَ سوچ-وارا وطن دوست ساٿي هيٺيون ڳالهيون يا ته نه ٿا سمجهن يا نظر انداز ٿا ڪن:-

## (١) ٻاهرين-پنجابي سامراج جي اصل جڙ ۽ بنياد وڏيرا شاهي آهي.

سنڌ، سرحد، بلوچستان ۾ دقيانوسي، رجعت پرست ۽ عوام-دشمن قبائلي، سرداري ۽ وڏيرڪو نظام حاوي نه هجي ها، ۽ هڪڙي طرف ماڻهو وڏيرن، رئيسن، پوتارن، سردارن، ميرن ۽ پيرن جا ماريل، پيڙيل ۽ ذليل ڪيل نه هجن ها، ۽ وڏيرڪي نظام جا پيدا ڪيل مرض يعني بک، بيماري، جهالت ۽ خوف مٿن

Gul Hayat Institute

## پاران وچ ۾ ٽپيو، سنڌين کي دساڻي ٿي.

وڏيرا شاهي سنڌي عوام جي نڙيءَ تي لت رکيو ويٺي آهي. عوام وڏيرن ۽ سندن دلال ڪامورن جي ڦرلٽ، ڌاڙي، ڌمڪاءَ، ڪوڙن ڪيسن، ڦرين، قيدن جي اشڪنجي ۾ اهڙا نه قابو آهن، جو هنن کي پنهنجي تن جو به هوش ڪونهي. سندن ساهه سدائين سوريءَ تي ٽنگيل آهي. انهيءَ ڪري هو ملڪي معاملن ۽ قومي مسئلن جو سماءُ ئي نٿا لهي سگهن. ڪٿين خبر ئي ڪانهي ته ڪنهن جي بازار پئي لٽجي. پر جي ڪٿي خبر پوين، ته به ڪجهه به نٿا ڪري سگهن، جو وڏيرا شاهيءَ سنجهن ايترو رت ئي ڪونه ڇڏيو آهي، جو هو دشمن کي منهن ڏيئي سگهن. پر جي اتفاق سان ڪڏهن ڪو سنڌي هاري همت ڪري ڪنهن پرمار سان ڪو ٽڪر کايو وجهي، تڏهن به سنڌي وڏيرو ۽ ڪامورو، ڳوالن ۽ چغلخور بنجيو، خود پنهنجي هاريءَ خلاف ڪوڙي ڪليمنٽ ۽ پرمار چوڌريءَ سان پٺ ٽيو وڃي. ڪيترائي هاري ڪارڪن ڪوڙن ڪليمنٽن ۽ پرمار چوڌرين جي بچ تي ۽ سنڌي وڏيرن ۽ ڪامورن جي شاهدين تي ٽيپون کائي ۽ ڦٽڪا ۽ اذيتون سهي چڪا آهن ۽ سهن پيا.

## (٣) سنڌي قوم جي اڪثريت اسان جي هاڻوڪي جدوجهد کي قومي جدوجهد نٿي سمجهي، ان کي اهميت نٿي ڏئي ۽ ان ۾ شريڪ بڻي نٿي.

آهي ئي اُنهن کي ڪجهه سمجهن ۽ ڪجهه اهميت ڏين ٿا. سنڌين جي وڏي ڳوڻاٽي اڪثريت نه انهن کي سمجهي ٿي ۽ نه ڪين وڏي اهميت ڏئي ٿي. اِن ڪري اسان واري محدود ”قومي جدوجهد“ ۾ سنڌي قوم جي اڪثريت ڀرپور نموني ۾ نه شامل آهي، نڪا هن حالت ۾ ٿيندي. سچي ڳالهه ڪجي، ته اسان واري ”قومي جدوجهد“ اڃا صحيح ۽ ڀرپور معنيٰ ۾ قومي جدوجهد ناهي. ڇو ته ان ۾ اسان جي اڪثريت جا اهم ترين ۽ حياتيءَ ۽ موت جا مسئلا شامل نه آهن. اِن ڪري جيڪڏهن اسين ايمانداريءَ سان گهرون ٿا ته اسان جي قومي جدوجهد صحيح معنيٰ ۾ قومي جدوجهد ٿئي، ۽ ٿورڙن شهري پڙهيلن بدران سڄيءَ سنڌي قوم جا لکين ماڻهو اُن ۾ زور شور سان ڀرپور حصو وٺن، ته پوءِ اسان کي قومي جدوجهد جو دائرو وسيع ڪرڻو پوندو ۽ اُن ۾ سنڌي قوم جي زبردست اڪثريت جا مسئلا شامل ڪرڻا پوندا.

## (٤) درحقيقت سنڌي عوام جي اڪثريت جو بنيادي ۽ دائمي مسئلو اندروني بيماري يعني وڏيرا شاهي آهي.

فطرت جو بنيادي قانون آهي ”ابتڙن جو ميلاپ ۽ مقابلو.“ سنڌي قوم ميلاپ آهي ٻن بنيادي طرح ابتڙ ۽ مخالف قوتن جو، يعني هڪ پاسي سنڌي عوام ته ٻئي پاسي وڏيرا شاهي. اِهو سنڌي قوم جو اندريون

Gul Hayat Institute

تضاد آهي. سنڌ ۾ ٻيو تضاد ڌارين جي پرماريت سان آهي. اهو ٻاهريون تضاد آهي. فطرت جي سائنس اسان کي سيکاري ٿي ته ٻاهرين جي ڀيٽ ۾ اندريان تضاد وڏيک اهم، بنيادي ۽ فيصلو ڪندڙ هوندا آهن.

سنڌي قوم جا بنيادي ۽ دائمي مسئلا آهن: اڻ هوند، بک، بيماري، جهالت، ۽ وڏيرن، ڪامورن، پيرن ۽ ملن جي ڦرلٽ، دٻاءُ ۽ دهشت، ذهني بلئڪ-ميلنگ ۽ روحاني ڊڪٽيٽرشپ. انهن بنيادي مسئلن ئي ٻاهريان مسئلا پيدا ڪيا آهن. وڏيرا شاهي نظام جي گندگيءَ ۽ پوسل ۾ ئي مڇرن ۽ ٻين جيوڙن کي پيدا ٿيڻ، وڌڻ ۽ ويجهڻ جو موقعو مليو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو سنڌي عوام وڏيرا شاهيءَ خلاف جدوجهد کي پنهنجي حياتيءَ ۽ موت جو سوال سمجهي ٿو.

## (٥) جدوجهد فقط اها ڪامياب ٿئي ٿي، جنهن ۾ سنڌي عوام جا بنيادي مسئلا شامل آهن ۽ جنهن کي سنڌ ۾ ڀرپور تائيد حاصل آهي.

ون يونٽ خلاف سنڌ جي پڙهيل شهري طبقي جو هڪڙو تمام ننڍڙو محب وطن حصو لڳاتار ١٥-١٦ سالن ڪانءُ واڪا ڪندو رهيو. پر سنڌي عوام جي ڪن تي جونئن به ڪانه سُري! ڇو ته اهڙن نعرن جو عوام جي روزمره جي زندگيءَ سان ڪوبه سڌو ۽ پڌرو تعلق

Gul Hayat Institute

ڪونہ هو. تنهنڪري هو آنهن نعرن کي هوائي سمجهندا رهيا ۽ اُن ۾ شريڪ ئي ڪونہ ٿيا. نتيجو اِهو ٿيو، جو آها تحريڪ، هيڏيءَ متاڪت ۽ تقريرن ۽ تحريرن جي هيڏيءَ اٿاهہ ٻوڏ جي باوجود، اٿاهہ عوامي تحريڪ ٿي نہ سگهي. البت جڏهن ايوب شاهيءَ جا قيد ڪيل شاگرد ۽ قومي ڪارڪن، جيل مان قومي جدوجهد جي هڪ نئين، وسيع ۽ عوامي نظريي سان ٿورڙا واقف ٿي، ٻاهر آيا، ۽ ٻهراڙيءَ جي سنڌي عوام سان سندن دل جي ڳالهہ يعني وڏيرا شاهيءَ جي مخالفت جي ڳالهہ ڪيائون تڏهن صورتحال بدلجي ويئي. ٤- مارچ ١٩٦٩ع تي ٢ لک سنڌي هاري حيدرآباد ۾ گڏ ٿيا ۽ سنڌ۔ دشمنن جون وايون ولڙيون ٿي ويون. اُن کان پوءِ وري جڏهن قومي جدوجهد جو تنگ، غير عوامي، وڏيرڪو نظريو غالب ٿي ويو، تڏهن جيڪا حالت ٿي آهي، سا سيني ڏٺي!

ٻئي طرف، پيپلز پارٽي جڏهن عوام ۾ وڏيرا شاهيءَ خلاف زبردست تبليغ جو طوفان ڪڙو ڪيو، تڏهن سنڌ جي ٿرن، برن ۽ جهنگن کي ڄڻ باهہ لڳي ويئي! سندن تحريڪ ۾ ايڏي وڏي طاقت پيدا ٿي ويئي، جو وڏا وڏا جبل بہ لڏي ويا! پر وري جڏهن پارٽيءَ ۽ حڪومت تي وڏيرن مڪمل غلبو ڪري ورتو ۽ وڏيرا شاهيءَ جي مخالفت جو چوغو لاهي ڇڏيائون، تڏهن جيڪا صورت۔ حال ٿي آهي، تنهن جي تشريح جي ضرورت ڪانهي!

## (٦) سنڌي قومي جدوجهد تڪڙي فيصل ڪان ٿيندي.

اِها لاهين چاڙهين ۽ ورن وڪڙن واري، لمبي ۽ ڪٺن جدوجهد هوندي، جا گهڻئي مختلف مورچن تي لڙي ويندي.

جيڪڏهن اِئين نہ هجي ها ۽ پاڻيپٽ جي لڙاين وانگر هڪڙي ڏينهن ۾ فيصلو ٿيڻ وارو هجي ها، تہ پوءِ ڪٿي چئجي تہ وڏيرا شاهيءَ کي نظرانداز ڪري، سڀ گڏجي، ڪٿي سنڌ - دشمنن سان هڪ هڪاٽي ڪريون. پر ان ۾ هڪ ٻہ نہ، پر گهڻا سال لڳندا. آنهيءَ سموري عرصي ۾ اِها توقع رکجي تہ سنڌي عوام وڏيرا شاهيءَ جي گهاٽي ۾ ٻہ پيڙبا رهن ۽ ٻڙڪ ٻہ ٻاهر نہ ڪين ۽ ساڳئي وقت سنڌ - دشمنن جي حملن ۽ سازشن کي ٻہ ڪاميابيءَ سان منهن ڏين، سو ٿيندو خيالي پلاءُ پچائڻ.

تنهنڪري وڏيرا شاهيءَ طرفان سنڌي عوام سان جيڪا اڻ ڏي پهر ريدن پيئي ٿئي، تنهن کي نظرانداز ڪبو، تہ سنڌي عوام قومي جدوجهد ۾ دل جان سان شريڪ نہ ٿي سگهندو، ۽ جدوجهد جو رينگٽ تہ خير هلندو پيو، پر سُر ڪونہ ٺهندو.

Gul Hayat Institute

## (٧) پناهگير - پنجابي نقلي ترقي پسند سنڌي پورهيت عوام کي قومي جدوجهد کان بدظن ڪري، سنڌين ۾ زبردست ڦوٽ وجهي رهيا آهن.

جيئن ته هيستائين ٻهراڙيءَ جي سنڌي عوام جي اڪثريت جي مسئلن کي قومي جدوجهد ۾ شامل نه سمجهيو ويو آهي، ۽ اسين رڳو متئين طبقي جي ننڍڙيءَ ٽورائيءَ جي فائدي جي ڳالهين کي قومي جدوجهد جو نالو ڏيندا رهيا آهيون، تنهنڪري پناهگير-پنجابي نقلي ترقي پسندن جي پيگهي مچي ويئي آهي. هو گجهه ڳوهه ۾ سنڌي هارين، پورهيتن ۽ غريب پڙهيلن کي ائين ڀرغلائي رهيا آهن ته "هيءَ قومي تحريڪ" سکين ۽ شاهوڪار شهرين ۽ وڏيرن جي پنهنجي تحريڪ آهي، جي پنهنجي مطلب لاءِ "قوم!" "قوم!" ۽ "سنڌ!" "سنڌ!" پيا ڪن-اوهان کي ته پڇن ئي ڪونه ٿا. نتيجو اهو پيو نڪري ته اندر ئي اندر سنڌي پورهيت عوام جا ٽورا گهٽا سمجهو ماڻهو سنڌين کان ڪٽبا وڃن ۽ پناهگير نقلي ترقي پسندن جا ذهني غلام ٿيندا وڃن. هو کين پنهنجي مطلب لاءِ استعمال پيا ڪن.

Gul Hayat Institute

## (٨) وڏيرا شاهيءَ خلاف جدوجهد کي قومي جدوجهد جي اعليٰ مفادن جي دائري اندر هلايو.

وڏيرا شاهيءَ جو اصلي علاج آهي زميداري نظام کي مڪمل طور ختم ڪرڻ. ان کان سواءِ سنڌي قوم ڪڏهن به هڪ پاڻ-پري، طاقتور ۽ شاندار قوم بنجي ڪانه سگهندي. پر قومي اتحاد خاطر سنڌي هاري عوام

موجوده حالت ۾ زمينداري سرشتي جي فوري طرح ۽ مڪمل خاتمي جو مطالبو ڪن. هن وقت هو تمام محدود مطالبا ڪن. جهڙوڪ، وڏيرا مٿن ظلم بند ڪن. کين بيدخل نه ڪن. مٿن ڪوڙا قرض نه لکن. ليکو صاف ڪن. زرعي قانونن موجب هلت ڪن. ڪوڙا ڪيس ۾ ڦاسائي نه ڪن. کين ذليل ۽ تباهه نه ڪن، وغيره.

تاڙي هڪ هٿ سان نه وڄندي آهي. سنڌي هاري قومي مفاد خاطر وڏيرا شاهيءَ جو گهڻو گهڻو ڪجهه ۾ سهيو وينا آهن. پر وڏيرا شاهيءَ کي به قومي مفاد خاطر ڪجهه نه ڪجهه حياءُ ڪرڻ گهرجي، ۽ سنڌي عوام جي ڀاري اڪثريت سان جنگبندي ڪرڻ گهرجي، ته جيئن سڀ گڏجي سنڌ ـ دشمنن کي منهن ڏيئي سگهون. اِها ڳالهه به نوٽ ڪرڻ گهرجي ته قومي جدوجهد ذريعي جيڪي ڪجهه حاصل ٿئي ٿو، تنهن جو مکڻ ۽ ڏونترو ته پيش پيش وڏيرا ۽ سندن پوئلڳ وچون طبقو ئي کائين ٿا. عوام کي رڳو ڪٿي لسيءَ جي لپ نصيب ٿئي، ته به ڇڻ ڇج ڪٿيائون!

اهڙيءَ حالت ۾ جيڪو وڏيرو هن ڏکئي وقت به سنڌي هاري عوام تي ظلم بند ڪرڻ ۽ کيس انسان ڪري ليکڻ لاءِ تيار نه هجي، تنهن کي سنڌي هرگز سمجهڻ نه گهرجي. ان کي سنڌي قوم جو غدار ۽ دشمن جو دلال سمجهجي. قومي ڪارڪنن کي گهرجي ته

اهڙي وڏيري خلاف مظلوم هارين ۽ پورهيتن جي هڙتال وڙان مدد ڪن. جيڪي سنڌي شاگرد، اديب، دانشور، قومي ڪارڪن ۽ اڳواڻ اهڙيءَ حالت ۾ به مظلوم سنڌي هاري عوام جي پٺڀرائي ڪرڻ لاءِ تيار نه هجن، تن کي قوم پرست نه ليکڻ گهرجي. آهي ڇٽبو ته، رڳو نالي جا نلها ٺڪر آهن. هو قوم پرست نه، پر مطلب پرست آهن. سچن پچن سنڌي وطن-دوستن کي، سنڌي عوام جي انهن تمام محدود، مناسب ۽ واجبي گهرن کي قومي جدوجهد جي پروگرام جو هڪ لازمي ۽ بنيادي حصو ڪري سمجهڻ گهرجي. هي مسئلو معمولي ڪونهي. اسان جي قومي جدوجهد جي ڪاميابيءَ جو بنيادي دارومدار انهيءَ مسئلي جي صحيح حل تي آهي. انهيءَ مسئلي کي جيڪڏهن، اسان نظرانداز ڪيو يا رڳو اٽڪل بازيءَ سان عوام کي ان ۾ نڀڻ جي ڪوشش ڪئيسون، ته پوءِ پلي لک پيرا پيا ”جيئي سنڌ!“ جا نعرا هڻون، پر اُن مان ڪڙتيل ڪوبه ڪونه نڪرندو. جڏهن سچ نيزي پاند ٻبهندو، تڏهن سڌ ڏيڻ وارو به ڪو ڪونه هوندو. هن مسئلي جو حل ڪنهن هڪڙي جي ڏاهپ سان نه، پر اسان جي سڄيءَ قوم جي گڏيل ڏاهپ سان ٿيندو.

[”تحريڪ“ مارچ، ١٩٧٣ع]

# صحيح قومي ٻڌيءَ لاءِ جدوجهد ڪريو

سنڌ کي سڏائين کي نه ڪي آفتون ڇهتيون پيون هونديون آهن. پر جهڙيءَ طرح اڄ اها واڳن جي وات آهي، تهڙيءَ طرح اها اڳ ڪڏهن به ڪانه هئي.

دشمن وٽ حڪومت جي مشينري آهي، ڏندو آهي، دولت آهي، چالاڪ ۽ عيار دماغ آهن، رهزن ۽ قاتل ذهنيت آهي، قسمين قسمين تنظيمي چار آهن، فريبي من موهيندڙ نعرا آهن، هزار سالن جي بدمعاشيءَ جو تجربو آهي، عزم آهي ته اتحاد به آهي، سياسي ۽ فوجي جنگ جو وسيع تجربو آهي، قومي ۽ بين‌الاقوامي مددون، لاڳاپا ۽ مٽيون مائٽيون آهن. اُن جي مقابلي ۾ اسين اٻوجهه ۽ اڻڄاڻ آهيون، ننڍڙي دل ۽ ننڍي دماغ وارا آهيون، اسان کي پنهنجي بچاءَ ڪرڻ جو نه تجربو آهي، نه وسيلا آهن، نه صحيح وات آهي.

Gul Hayat Institute

اِن صورتحال کي بدلائڻ لاءِ اسان وٽ فقط هڪڙو هٿيار ٿي سگهي ٿو، اهو هٿيار آهي ٻڌي.

اسان کي پنجن قسمن جي ٻڌيءَ جي ضرورت آهي. ١- هڪڙي مقصد ۽ هڪڙيءَ منزل جي ٻڌي. ٢- ان منزل ۽ مقصد لاءِ صحيح وات جي ٻڌي. ٣- اڳتي وڌڻ جي صحيح طريقن جي ٻڌي. ٤- تنظيم جي ٻڌي. ٥- عملي جدوجهد جي ٻڌي.

ٿي ذهني ۽ ٻئي قسم جي تياري ڪري، ايندڙ جدوجهد لاءِ رستا ۽ ميدان تيار ڪريون.

## ٢- قومي منزل ۽ مقصد تي پهچڻ لاءِ صحيح واٽ جي ڳولا:-

قومي منزل ۽ مقصد کي طئه ڪرڻ کان پوءِ ٻيو بنيادي مسئلو اهو آهي ته اها واٽ ڳولي لهجي، جيڪا اسان کي انهيءَ قومي منزل تائين پهچائي سگهي. اسان جي قوم ۾ هونئن ته گهڻائي ٽولا آهن، پر هن مضمون جي مقصد لاءِ اسين سنڌي قوم کي پنجن مکيه ٽولن ۾ ورهائيندا سون: ١- هاري، ٢- مزدور، ٣- وڏا زميندار، ٤- سرمائيدار ۽ مٿيون وچون طبقو ۽ ٥- ننڍيو وچون طبقو جنهن ۾ آبادگار، نوڪرين وارا ماڻهو، ڪاريگر ۽ ننڍا واپاري اچي وڃن ٿا.

سوال آهي ته قومي جدوجهد ۾ انهن پنجن ٽولن مان هرهڪ ٽولي مان ڪهڙي اميد ۽ ڪهڙو آسرو رکجي؟ انهن مان ڪهڙا ٽولا پڇاڙيءَ تائين جدوجهد ڪندا ۽ ڪهڙا دشمن تي ڀيهندا. ڪهڙا ڪجهه وقت هلندا ۽ پنهنجو مطلب پورو ڪري يا حالتون ڏکيون ڏسي، اڌ مان گوهي ڏيئي، ڀڄي ويندا، يا ته مرڳو وڃي دشمن سان ملندا؟ ٻيو سوال آهي ته جيڪي ماڻهو قومي جدوجهد جي آخري منزل تائين پهچڻ چاهين ٿا، انهن کي انهن ٽولن يا طبقن مان هرهڪ ٽولي يا طبقي سان

Gul Hayat Institute

کھڙي روش وٺڻ کپي ۽ ساڻن کھڙي هلت هلڻ کپي. ٽيون سوال اهو آهي ته سنڌ جي قومي جدوجهد جي آخري منزل تائين هلڻ وارن کي پاڪستان جي ڌار ڌار غير سنڌي قومن، طبقن ۽ ٽولن مان ڪھڙو آسرو، اميد يا انديشو رکڻ کپي. انهن سان اسان جو ڪھڙو رويو ۽ هلت هئڻ کپي. چوٿون سوال اهو آهي ته جيڪي قومون، طبقا ۽ ٽولا سنڌي قوم جا بدخواهه آهن، اُهي سيئي پاڻ ۾ ڪيترين ئي ڳالهين ۾ همخيال به آهن، پر پاڻ ۾ بنيادي ٽڪر ۽ مقابلا به اٿن. جيئن دشمن اسان جي مختلف ٽولن جي اندر ويڇن ۽ مقابلن کي استعمال ڪري، اسان کي پاڻ ۾ ويڙهائي، پنهنجا مقصد حاصل ڪن ٿا، تيئن اسين به سندن اندروني ڦيٽارن جو پنهنجي قومي مقصدن کي اڳتي وڌائڻ لاءِ فائدو وٺي سگھون ٿا. ته اُن لاءِ ڪھڙا طريقا، رستا، پاليسيون ۽ سياسي چالون استعمال ڪريون؟ پنجون سوال آهي ته اسان جي قوم جي مختلف طبقن ۽ ٽولن جا مقصد هڪٻئي جي ابتڙ به آهن، ته ساڳيا هڪجهڙا به آهن. هيستائين دشمن جي چالاڪيءَ، اسان جي اڻ ڄاڻائيءَ ۽ اسان جي غدار ٽولن جي غداريءَ سبب، سنڌي قوم جو سڄو زور انهن معاملن تي صرف ٿيندو رهيو آهي، جن معاملن بابت اسان ۾ ناٺاهه ۽ ڦيٽارو آهي. ڇا اسين ناٺاهه ۽ ڦيٽاري وارين ڳالهين کي صفا وساري يا پاسيرو رکي، قومي ٻڌي ٺاهڻ جي ڪوشش ڪنداسين، ته

ڪرڻ جي ضرورت ڪانهي. رڳو ويٺا ڏسو ته هندستان، چين يا روس ڪيئن نه ٿا سڀني جي ٽڪ مان ور لاهين." مطلب ته هر ماڻهوءَ ۽ هر ٽولي کي جدوجهد جو ڌار ڌار ڍنگ ۽ طريقو صحيح نظر اچي ٿو. سوال آهي ته اسان جي موجوده حالتن کي ڏسندي ۽ دنيا جي موجوده دور کي خيال ۾ رکندي، جدوجهد جا ڪهڙا ڍنگ صحيح ۽ ڪارگر آهن. جڏهن سڄيءَ قوم جا وطن دوست ۽ وفادار ٽولا پاڻ ۾ صلاح مصلحت ڪري، جدوجهد جي صحيح طريقن بابت پاڻ ۾ متفق ٿيندا، تڏهن چئبو ته اسان ۾ جدوجهد جي طريقن بابت قومي ٻڌي پيدا ٿي ويئي آهي. اُن ۾ انهيءَ ڳالهه جو به خيال رکڻو پوندو ته جدوجهد جا جيڪي طريقا ڪالهه موزون هئا، سي ممڪن آهي ته اڄ ناموزون هجن يا جيڪي ڪالهه ناموزون هئا، سي اڄ موزون نظر اچن. ساڳيءَ طرح جدوجهد جي اڄوڪي ڏاڪي تي جيڪي طريقا اڄ موزون آهن، سي سڀاڻي ناموزون ٿي پون، يا جيڪي اڄ ناموزون آهن سي سڀاڻي موزون ثابت ٿي پون. تنهن کان سواءِ اهو ضروري ناهي ته جدوجهد جي هڪڙيءَ اسٽيج تي فقط هڪڙوئي طريقو استعمال ڪيو وڃي. ساڳئي وقت تي، ڌار ڌار حالتن ۾، ڌار ڌار طريقا هڪٻئي سان گڏ نهڪائلي، استعمال ڪري سگهجن ٿا ۽ ڪرڻ کپن.

جو ڍنگ کهڙو هجي؟ اُن جي اڳواڻي کهڙو طبقو ڪري؟ اهي سڀ فيصلي طلب سوال آهن.

## ٥. عملي جدوجهد جي ٻڌي:-

مٿين چئن ئي قسمن جي ٻڌيءَ کان پوءِ سوال آهي عملي جدوجهد جي ٻڌيءَ جو. اسان جا مختلف محب-وطن ٽولا مختلف ميدانن تي مختلف طريقن سان پنهنجي حال سارو جدوجهد ڪري رهيا آهن. انهن جي وچ ۾ ڪوبه لاڳاپو ڪونهي. جيڪڏهن شاگرد هڙتالون ڪن ٿا يا سنڌ-دشمن قوتن سان ٽڪر کائين ٿا، ته ماستر، هاري، مزدور ۽ واپاري پنهنجي گهر ويٺا آهن. وري جي ماستر، هاري يا مزدور ڪو قدم کڻن ٿا، ته شاگرد، واپاري ۽ آبادگار چپ آهن. عملي جدوجهد جي ٻڌي تڏهن ٿيندي، جڏهن هڪڙي ٽولي جي جدوجهد جو سڏ سنڌ جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين، ڪينجهر کان ڪارونجهر تائين، ڪنڌڪوٽ کان ڪيٽي ٻندر تائين، پڙاڏا ڪرڻ لڳي.

## ٻڌيءَ بابت مطالعو، غور، فڪر ۽ صلاح مصلحت ڪريو.

انهن مان هرهڪ ٻڌيءَ جا پنهنجا مسئلا آهن. انهن تي غور ڪرڻ گهرجي، صلاح مصلحت ڪرڻ گهرجي. دنيا جي ٻين مظلوم ۽ مجاهد قومن جي جدوجهد مان سبق حاصل ڪرڻ گهرجي. اُنهن کي پنهنجي ماحول ۽ حالتن

Gul Hayat Institute

مطابق گهڙي سنواري، پنهنجي ڪم لائق بنائڻ ڪپي. انهن ۾ پنهنجي طرفان بااصول ايجادون ۽ واڌارا ڪرڻ کپن. اسان جي قومي جدوجهد جو صحيح بنياد فقط تڏهن پوندو، جڏهن اسان جي سڄيءَ قوم جا عوام ۽ ڏاها ماڻهو انهن مسئلن جي اهميت سمجهندا ۽ انهن جو حل ڳولي لهندا.

[ ”تحريڪ“ - اپريل، ١٩٧٣ ]

Gul Hayat Institute

# ٿومي جدوجهد جو وڏيرڪو نظريو!

●

## چار نظريا، چار واٽون.

سنڌ ۾ قومي جدوجهد جا چار نظريا، چار واٽون ۽ چار طريقا موجود آهن:

١- قومي جدوجهد جو وڏيرڪو نظريو.

٢- قومي جدوجهد جو سنڌي وچين طبقي وارو نظريو.

٣- قومي جدوجهد جو ڪٽر قوم پرست پناهگير- پنجابي وچين طبقي طرفان سنڌين کي سيڪاريل نظريو يا نقلي ترقي پسند نظريو.

٤- قومي جدوجهد جو انقلابي وطن- دوست نظريو.

## ڪسوٽيون.

ڪنهن طبقي جو قومي جدوجهد بابت ڪهڙو نظريو آهي، تنهن جي خبر هيٺين ڳالهين مان پوندي:

(الف) هو قومي جدوجهد ڪهڙي مقصد لاءِ ڪري ٿو. (ب) هو اُن جدوجهد جو مکيه دارومدار ڪهڙي طبقي يا طبقن تي رکي ٿو ۽ اُن جي اڳواڻي ڪهڙي طبقي کي ڏيڻ گهري ٿو. (ت) اُن جدوجهد جو نشانو ڪهڙين دشمن قوتن کي بنائي ٿو. (ج) اُن

Gul Hayat Institute

جدوجهد ۾ ڪهڙا طبقا يا ٽولا ساٿي ڪري ڳڻي ٿو. (ح) اُن جدوجهد ۾ ڪهڙن طبقن يا ٽولن کي دشمن کان ٽوڙي، پاڻ سان شامل ڪري ٿو يا ڪين غير جانبدار بنائڻ گهري ٿو. (خ) اُن جدوجهد لاءِ ڪهڙي ڪهڙي قسم جي تنظيم ٺاهي ٿو. (د) اُن جدوجهد جي مختلف ڏاڪن تي جدوجهد جا ڪهڙا طريقا اختيار ڪري ٿو.

اسين هن پيري قومي جدوجهد جيَ وڏيرڪي نظريي، واٽ ۽ طريقن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪنداسون.

**مقصد:**

١- وڏيرو طبقو قومي جدوجهد جو مقصد اهو ٻڌائيندو آهي ته پنهنجي مظلوم قوم کي ڌارين ظالمن کان ڇوٽڪارو ڏياري، ڪيس هڪ خوشحال، طاقتور ۽ عظيم قوم بنائجي. پر جيئن ته وڏيرو طبقو پاڻ خود قوم جو چور ۽ قوم جو دشمن آهي، قوم جا گذر جا وسيلا ڦبايو ويٺو آهي ۽ قوم جي ماڻهن کي ڦريو ماريو، ديڙائيو، غلام بنايو ويٺو آهي، تنهنڪري هو قوم جي ماڻهن کي ڏڪاري ٿو ۽ ڪانئن ڊڄي ٿو. ساڳيءَ طرح ماڻهو به ڪيس ڏڪارين ٿا ۽ ڪانئس ڊڄن ٿا. ڄائي ڄم کان سندس طبقاتي فطرت قوم-دشمن آهي. ماڻهن جو ڇوٽڪارو، آزادي ۽ طاقت وڏيري طبقي جي واسطي موت جو پيغام آهي. اُن ڪري هو ڪڏهن به نٿو چاهي ته سنڌ جا ماڻهو سچ پچ هر قسم جي غلاميءَ کان

Gul Hayat Institute

مڪمل طرح چوٽڪارو حاصل ڪن، پاڻ - پرا، سگهيا ستايا ۽ آزاد ٿين. هو درحقيقت ٽي ڳالهيون چاهي ٿو: (۱) سنڌس قوم جا ماڻهو زور نه وٺن ۽ سنڌس غلاميءَ مان آزاد نه ٿين. (۲) غير قوم جا ماڻهو ڪيس نه ستائين ۽ سنڌس لئي گهٽ نه ڪن. (۳) سنڌس قوم جي ماڻهن کي ڦرڻ، مارڻ ۽ غلام رکڻ جو موقعو ۽ اختيار ڪيس ئي حاصل هجي ۽ ٻيو ڪو به ڌاريون اُن ڦرمار ۽ طاقت جا ٽُڪر ڪائنس نه کسي وٺي؛ ٿي سگهي ته ڪائنس ڪو حصو پتي به نه ڦري. اِنڪري جنهن جدوجهد کي هو قومي جدوجهد سڏي ٿو، سا درحقيقت سنڌس پنهنجي طبقاتي جدوجهد آهي، جنهن جي وسيلي هو پنهنجي قوم کي ڦرڻ جي هڪ هٿي پاڻ حاصل ڪرڻ گهري ٿو. اِها آهي سنڌس جدوجهد جي آخري منزل.

## وڏيري جي قومي جدوجهد جي واٽ.

ڪيس خبر آهي ته پنهنجي قوم ۽ ڌارين سان هو ساڳئي وقت وڙهي نٿو سگهي. تنهنڪري هو پنهنجي جدوجهد کي چئن منزلن ۾ ورهائي ٿو: (۱) جڏهن ڌاريون دشمن زور ٿيو وڃي ۽ سنڌس قوم ڪمزور ٿيو پوي، ته هو يڪدم دشمن اڳيان هٿيار ڦٽا ڪري، ٽپ ڏيئي، وڃي دشمن جي پيرن ۾ ڪري ٿو. هو جلد ئي قومي دشمن کي ريجهائي، ڪيس پنهنجي وفاداريءَ جو يقين ڏياري، دشمن جي شڪاري ڪتي جي پوزيشن

Gul Hayat Institute

وڏيرڪي جدوجهد جا مخالف نشان هي ٻه آهن:-
١- سندس پنهنجي قوم. ٢- سندس ڌاريان رقيب.

## وڏيرڪي قومي جدوجهد جي حڪمت عملي.

هو قومي جدوجهد کي پنهنجي طبقاتي مفادن جو توڙهو ڪجهه وجهي ڇڏي ٿو، ۽ قومي قوتن کي سندن پنهنجي مرضيءَ ۽ پهچ آهر اڳتي وڌڻ نٿو ڇڏي. هو ڌارئين دشمن سان فقط مٿاڇري ويڙهه ڪري ٿو ۽ توڙ نٿو ڪري. هو اهڙو دنگ ۽ ڇيهه ڪري نٿو وڙهي، جو سندس ڌاريون رقيب مرڳو صفا ختم ٿي وڃي ۽ سندس اصل جاني دشمن يعني سندس قوم جا عوام اهڙو زور وٺي وڃن، جو مرڳو سندس غلاميءَ جو ڪٽ ئي هٿي پڇي پورا ڪري رکن. ان ڪري هو ڌارئين رقيب تي ڀرپور وار ڪرڻ نٿو ڏئي.

## وڏيرڪي قومي جدوجهد جو دارومدار.

وڏيرڪي قومي جدوجهد جو دارومدار وچين طبقي تي هوندو آهي. اُن جدوجهد جي اڳواڻي وڏيرو طبقو پاڻ ڪندو آهي.

## وڏيرڪي قومي جدوجهد جا ساٿي.

وڏيرڪي قومي جدوجهد ۾ وڏيرو طبقو ڇوٽي وچين طبقي يعني پڙهيلن، ڪاريگرن، آبادگارن، ڇوٽڙو وڏيرن وغيره کي پنهنجو ڇوٽو ڀائيوار ڪري کڻندو آهي.

Gul Hayat Institute

## عوام وچان ماڻهو ۽ ٽولا ٽوڙڻ.

صدين جي غلاميءَ سبب عام طرح پورهيت عوام اهڙا هوشيار ۽ چالاڪ نٿا ٿين. منجهن ايتري ٻڌي ڪانه هوندي آهي. منجهن ڏاڙئين دشمن ۽ اندروني دشمن يعني وڏيري طبقي جا ڦهلايل رجعت پرست ۽ عوام-دشمن خيال گهر ڪري ويٺا هوندا آهن. سندن پاڻ ۾ ڪيترا تڪرار ۽ ٽڪر هوندا آهن. وڏيرو طبقو پنهنجي ساٿي وچين طبقي ۽ ڇوٽي وچين طبقي مان پرتي ڪيل ڪمدارن ۽ دلالن جي واهر سان، انهن حالتن جو مڪمل فائدو وٺي، عوام جي قوت وڌائيندو ۽ وڌيڪ اُونهي ڪندو آهي ۽ سندن سمجهه کي مٺو ڪندو آهي. اُن ڪان سواءِ، هو سڀ ڪان پهرين عوام جي سجاڳ ۽ اڳتي وڌيل مجاهد ٽولن کي مختلف ٻهانن سان عوام ڪان ڪاٽي، اڪيلو ڪري، ڪچلي ڇڏيندو آهي. اُن ڪان پوءِ جڏهن عوام پنهنجي سجاڳ اڳواڻ دستن جي اڳواڻيءَ کان محروم ٿي، بي يار و مددگار ٿي ويندو آهي، تڏهن هو کين دٻائي، ماري پنهنجي پيرن جي خاڪ ڪندو آهي ۽ کين بنا ڪنڪي ڦريندو لٽيندو رهندو آهي.

## وڏيرڪي جدوجهد جي تنظيمي پاليسي.

وڏيري طبقي جي تنظيمي پاليسي به سندس مقصدن وانگر پيچاپڙي هوندي آهي. هو ٻن قسمن جون تنظيمون

Gul Hayat Institute

قائم ڪندو آهي ـــ هڪڙي اصلي، ٻي نمائشي ۽ نقلي.
سنڌس اصلي تنظيم اُها وڏيرڪي ڳجهي تنظيم آهي، جا
صدين کان هلندي اچي. اُن ۾ فقط وڏيرا شامل هوندا
آهن. شادين مرادين، مرڻن پرڻن تي انهن جون ميٽنگون
ٿينديون رهنديون آهن. سڀ فيصلا اوطاقن اندر، بند
ڪمرن ۾، ڳجهي نموني ٿيندا آهن، جن جي ٻاهر ڀاڪ
به ڪانه نڪرندي آهي. ٻي تنظيم ظاهري ۽ نمائشي
هوندي آهي. اُن جو مقصد عوام جي اکين ۾ ڌوڙ
وجهي، وڏيرن کي اليڪشن ذريعي اقتدار جي ڪرسيءَ
تي پهچائڻو هوندو آهي. اُنهن نقلي ۽ نمائشي جماعتن جا
نالا بدلبا رهندا آهن. ڪڏهن اُنهن کي مسلم ليگ جي
نالي سان سڏيو ويندو آهي، ته ڪڏهن وري ريپبليڪن
پارٽي وغيره. پارٽين جو مالڪ ساڳيو طبقو هوندو آهي،
فقط ليبل بدلبا رهندا آهن. اُهي تنظيمون ڪاغذي ۽
ڪوڪليون هونديون آهن. ماڻهو پڇندا آهن ته اُها انهن
تنظيمن جي ڪمزوري ۽ مجبوري آهي. پر حقيقت ۾
اِئين ناهي. انهن کي ڄاڻي واڻي ڪوڪلو رکيو ويندو
آهي، ته جيئن انهن تي عوام جو قبضو مضبوط نه رهي
۽ اهي وڏيري طبقي جي هٿ مان نڪري نه وڃن.
وڏيرڪيءَ تنظيم ۾ جماعت ڪجهه به نه هوندي آهي،
فقط وڏيرو قومي ليڊر سڀڪجهه هوندو آهي. هو اِهو
بندوبست اِنهيءَ لاءِ رکندا آهن ته وقت اچي ته اُن
عظيم اڳواڻ جي نالي ۾ جماعت کي جهڙي نموني وڻي

آهڙي نموني ڪتب آڻي سگهجي. عين وقت تي، جماعت ۽ عظيم اڳواڻ جي نالي ۾، قوم ۽ قومي ڪارڪنن جا تختا به ڪيڏي سگهجن. اليڪشن تائين انهن پارٽين ۾ وچين ۽ هيٺين وچين طبقي مان ڪيترا قلم باز، ٻيان باز ۽ چاڙي باز ماڻهو ڀرتي ڪري ڏيکاءَ لاءِ اهم عهديدار بڻائي رکيا ويندا آهن. پر سندن حقيقي ڪم پٺن ۽ مگٽهارن وانگر وڏيرن جي شان ۾ قصيدا ۽ مداحون پڙهڻ ۽ مخالفن کي گاريون ڏيڻ هوندو آهي. اليڪشن تائين کين ٽيگرون ڏيئي، خوب ڪارائي پياري ۽ پٽ نپري، لئي ۾ رکيو ويندو آهي. وڏيرا ميسٽا ٽيو سندن پٺيان هلندا آهن. وچين طبقي جا پيٽ ۽ مگٽهار ڦونڊ ۾ ڀرجي هلندا آهن ۽ سمجهندا آهن ته لهي ايري ئي اسان تي پيو. اليڪشن ڪان پوءِ، وڏيرا ڦري، قوم جا چونڊيل عيوضي ۽ پارٽي اڳواڻ ٿي پوندا آهن، ۽ سندن وڏيرڪي حڪومت ڦري، عوام جي حڪومت ٿي پوندي آهي. وچولي طبقي جا قلم باز ۽ چاڙي باز سورما عادت موجب ڪجهه پوز هڻندا آهن. پر جلد ئي کين ذهن نشين ڪرايو ويندو آهي ته ”هاڻي وڏيرا پاڻ سرڪار ٿي چڪا آهن، هاڻي کين پٺن ۽ مگٽهارن جي ضرورت ڪانهي. سيڪو ڪک پن ٿي وڃي، نه ته پارٽيءَ جو غدار ۽ عوام جو دشمن ٿي پوندو، ۽ بچڙو ٿيندو!“

## وڏيرڪي جدوجهد جا طريقا

وڏيرڪي جدوجهد جلسن جلوسن ۽ اخباري بيانن تائين محدود هوندي آهي. هو ڪوبه اهڙو طريقو اختيار نه ڪندا آهن، جنهن مان هنن حوڪي جو انديشو هجي يا جنهن مان عوام جو من وڌي وڃي ۽ هو ايترو زور وٺي وڃن، جو اٿلو کين کچيءَ ڪان وٺن. اِنڪري هو عوامي جدوجهد کان ڪوهين پري ڀڄندا آهن، ۽ قومي مخالفن کي فقط زبان ۽ قلم جي مار ڏيندا آهن. سندن پاليسي هوندي آهي ته ”لعل به لڀي ۽ پريت به رهجي اچي“، يعني عوام کي اَلو بنائي، قومي سورما بڻجي، اقتدار به وٺون ۽ قومي مخالفن سان صفا دنگ به نه پوي. جيو ته سياڻي جڏهن ”ڪم لٿو ڪاڳر ڦاٽو“ وانگر، عوام مان ڪم ڪڍي، کين وري موچڙا هڻي، سڌو ڪرڻو پوندو، تڏهن اهي ڌاريان مخالف ڪي ته ڪم ايندا! اصل اتحاد ته انهن سان ئي ڪرڻو آهي ۽ اصلي جنگ ته عوام سان ئي آهي! قومي جدوجهد ته رڳو نالو هوندو آهي. دراصل مقصد هوندو آهي مخالف کي عوام جو ڀؤ ڏيکاري، ٿورو نرم ڪري، ڪانئس ڦر جي مال مان پنهنجو پورو حصو پٽي وٺڻ، يعني ”ڦر ڏيکاري

ڄمَر ڪڍڻ.“ پس پيش وڏيرا ۽ قومي مخالف پاڻ ۾ ڀائي ڀائي ٿبو وڃن، ۽ عوام ”ڪـُتيءَ سان به ڪاراٺ ٿياسين، گلر به ويا پنهنجي گهر“ وانگر، وڙهي، ڦرجي، مارجي، گهر مسيت ڪري، ڀچاڙيءَ جو سڪڻي گندي ڪلهي تي رکي، وڃي گهر ڀيڙا ٿيندا ۽ ساڳي ماني ساڳ سان کائيندا.

اِهو آهي وڏيرڪي قومي جدوجهد جو نظريو، ان جو مقصد ۽ ان جا نتيجا.

[”تحريڪ“ – مئي، ١٩٧٣ع]

Gul Hayat Institute

# قومي جدوجهد جو سنڌي
# وچين طبقي وارو نظريو

۱- وچون طبقو (Bourgeoisie) هڪ خاص معنيٰ رکندڙ سائنسي لفظ يا فقرو آهي. ان جي عام (Popular) معنيٰ ته ٿي آهو طبقو، جو نه اجايو غريب هجي ۽ نه اجايو شاهوڪار. پر سماجي سائنس جي ٻوليءَ ۾ ان جي معنيٰ آهي هارين، مزدورن ۽ وڏن زميندارن جي طبقن کانسواءِ سماج جا ٻيا سڀ طبقا. وچين طبقي ۾ سرمائيدار، سفيد پوش ۽ مڃي مانيءَ وارا (غيرهاري، غير مزدور ۽ غير زميندار) سڀ ماڻهو اچي وڃن ٿا.

۲- دنيا جي تاريخ کي پڙهبو، ته معلوم ٿيندو ته دنيا جي وچين طبقي جي سموري تاريخ قوم جي ڀورهيت عوام سان دغا، دوکي ۽ غداريءَ جي تاريخ آهي. جنهن به قوم وچين طبقي جي اڳواڻيءَ هيٺ آزاديءَ جي جدوجهد ڪئي آهي، سا ڪڏهن به پرماريءَ ۽ وڏيرا شاهيءَ کان مڪمل ڇوٽڪارو حاصل ڪري، باعزت ۽ شاندار قوم نه ٿي سگهي آهي. اهي قومون سدائين مرضن ۾ ورتل هونديون آهن ۽ پيون چنگهنديون آهن. اُن جا تازا مثال هندستان، انڊونيشيا، مصر، عراق، شام، الجزائر، مراڪو، سيلون ۽ ٻيا ايشيائي آفريڪي ملڪ آهن. انهن ملڪن جي وچين طبقي ڪافي قربانيون

Gul Hayat Institute

ڏنيون، ۽ نهرو، ناصر ۽ سوئيڪارنو جهڙا مشهور ليڊر پيدا ڪيا. پر پنهنجي طبقاتي فطرت سبب هنن ملڪن جي وچين طبقن عوام مان ڪم ڪڍي، سائن دغا ڪئي، ۽ انهن ملڪن ۾ صحيح عوامي جمهوري راڄ ۽ سچي پچي عوامي حڪومت جو خواب التوا تي پيو. عوام اڃا تائين ذڪن ۾ ۽ دربدر آهن. (جن ملڪن جي وڏيرن ۽ جاگيردارن سامراجين سان سازباز ڪري، نالي جي ڪوڙي آزادي ورتي، تن جو مثال پاڪستان آهي. انهن جو ذڪر ٿي اجايو آهي.) وچين طبقي چانگ-ڪيائي شيڪ، سنگمن ري، نگودين ديم، مارشل ٽيو، مارشل ٽناريت ۽ جنرل موبوتو جهڙا "جڙتو قوم پرست" سورما پيدا ڪيا، جي وات سان "قوم قوم" ڪندي، وطن دشمنن جا شڪاري ڪتا ٿي قومي قاتل بنجي ويا. گذريل ڪجهه صديون يورپ ۽ آمريڪا جي وچين طبقي اتان جي پورهيت عوام کي ڏتا ڏنا ته وڏيراشاهيءَ ۽ جاگيرداريءَ کي ڊاهي، عوامي حڪومت قائم ڪنداسين. انهن ڏتن تي هنن عوام کي اٿاري، انهن هٿان وڏيراشاهيءَ جون پاڙون پٽيون. پوءِ عوام جي حڪومت جي جاءِ تي وچين سرمائيدار طبقي پنهنجي ڊڪٽيٽرشپ قائم ڪري ڇڏي، ۽ پورهيت عوام هڪڙي ظالم طبقي جو ڳٽ ڳچيءَ مان ڪڍي، وري ٻي ظالم جي ڪوڙڪيءَ ۾ ڦاسندو ويو، ۽ اڃا تائين ان مان نڪري نه سگهيو آهي. جرمنيءَ ۾ نازين ۽ اٽليءَ ۾ فاشزم جي وبائن

Gul Hayat Institute

جا باني ڇوٽي وچين طبقي جا ماڻهو هئا. اهو طبقو ئي انهن عوام-دشمن ۽ آدم خور تحريڪن جي پيڙهه هو. اڄ يورپ ۽ آمريڪا ۾ اهوئي طبقو سامراج جو وڏي ۾ وڏو حامي آهي، جو سامراجين جي هر بدمعاشيءَ جو وڏي واڪي ساٿ ڏئي ٿو.

٣- سنڌي وچين طبقي ۾ هيٺيون خاصيتون آهن.

(١) سنڌ ۾ مٿيون وچون طبقو نه هئڻ جي برابر آهي. دنيا جي سرمائيدار ملڪن ۾، جن ماڻهن کي سرمائيدار ۽ ڪارخانيدار ليکيو آهي، اهڙو ماڻهو سنڌ ۾ هڪڙو به ڪونهي. نه رکيو ايترو، پر اسان وٽ سواءِ هارون فيملي جي بي ڪابه اهڙي فيملي ڪانهي. جنهن کي پاڪستان جي ٻين چوٽيءَ جي ڪارخانيدارن ۽ سرمائيدارن سان پيٽي سگهجي.

(٢) سنڌي هيٺيون وچون طبقو ڪمزور ۽ پالهڻيءَ ۾ آهي. سنڌ جو وچون ۽ هيٺيون وچون طبقو اڳي هندو هئا. انهن جي وڃڻ ڪري سنڌ ۾ وچون طبقو ڄڻ گم ٿي ويو. گذريل ٢٥ سالن ۾ وچين طبقي ۾ جيڪا پرتي ٿي آهي، تنهن جا پير اڃا بلڪل ڪچا آهن. اِن ڪري هو وڏيرن جي سهاري هلڻ گهري ٿو يا سنڌ-دشمن پناهگير-پنجابي سامراج جي. هن طبقي ۾ طبقاتي ٻڌي ۽ طاقت جو احساس نه هئڻ جي برابر آهي. هيءَ تمام گهڻو وقت انگريز ۽ پناهگير-پنجابي سامراجيت جو غلام رهيو آهي. تنهن ڪري هو ذهني طرح

بي حس، بزدل ۽ غلام آهي.

(٣) اِنهيءَ ڪري سنڌي وچون طبقو عوام-دشمن آهي. سندس مکيه ٽڪر ۽ تضاد سنڌي عوام سان آهي. هو اجا تعداد ۾ يا مالي يا ذهني حيثيت سان ايترو وڏيو ويجهيو ڪونهي، جو هو وڏيري طبقي سان ٽڪر ۾ اچي. ٻئي طرف هو شروع کان وٺي انگريز آقائن، سنڌي وڏيرن، پناهگير-پنجابي پرمارن جو دلال ٿي، سائن ڄجت بنجي، سنڌي عوام کي ڦريندو ۽ لٽيندو رهيو آهي. ڪاموري، واپاري، وڪيل، ڊاڪٽر، ڪاريگر ۽ سڪئي ماڻهوءَ جي حيثيت ۾ هو عوام کي لٽي، پيڙي، پنهنجن آقائن سان گڏ جاوا ڪري ٿو. هن طبقي جي پڙهيل شاگردن مان ئي اُها رهزن پوليس ۽ ڪامورا شاهي پيدا ٿي آهي، جنهن وڏيرن ۽ سامراجين سان ڄجت ٿي، سندن اشاري تي توڙي پنهنجي دليان، سنڌي عوام جي زندگي موت جي برابر ڪري ڇڏي آهي.

(٤) هن طبقي جا پناهگير-پنجابي پرمارن سان تضاد اجا اونها ۽ بنيادي نه ٿيا آهن. هو پرماريت ۽ وڏيرا شاهيءَ کي سياسي ۽ اقتصادي طرح بلڪل بي دخل ڪرڻ نٿو گهري. درحقيقت هن جي ڪمزور طبقاتي پوزيشن جو سارو دارو مدار اِنهيءَ ڳالهه تي آهي ته سنڌي عوام وڏيرا شاهيءَ ۽ پرماريت هٿان اهڙا هيٺا ۽ بيوس هجن، جو وچين طبقي جي ٽيڳر ۽ ڦر-لٽ ۾ دست اندازي نه ڪري سگهن. هو فقط ڦرلٽ

Gul Hayat Institute

جي مال ۾ پنهنجي حصي وڌائڻ جي خواهش ته رکي ٿو، پر هو اُن لاءِ ڪا به سچي پچي جدوجهد ڪري، پنهنجن آقائن يعني پرمارن ۽ وڏيرن کي ڪاوڙائڻ نٿو گهري. هو پاڻ ئي ٿو ته سنڌي عوام پلي ڪجهه گوڙ ڪري، وڏيرن ۽ پرمارن جي ڏورڙي لئي گهٽ ڪن، ته جيئن وڏيرا ۽ پرمار ٻڇي، کيس اهميت ڏين، ۽ سنڌي عوام مان ڪيل ڦرلٽ جي مال مان کيس اڳي کان وڌيڪ پتي ملي.

(٥) سنڌي وچين طبقي جو پڙهيل طبقو، سياسي ۽ سماجي طرح، اڻ پڙهيل عوام جي پيٽ ۾ رجعت پرست آهي، ۽ قومي جدوجهد هلائڻ ۽ اُن ۾ صحيح نموني ڀرپور حصي وٺڻ لاءِ تيار ڪونهي. اُن جا هي سبب آهن:

(الف) ارغونن، ترخانن، مغل، ايراني ۽ انگريز سامراجين، هندو سرمائيدارن، سنڌي وڏيرن ۽ پنجابي-پناهگير پرمارن جي سازش سبب، سنڌ گذريل سوين سالن کان عملي طرح دنيا کان ڪٽيل، "هڪ اونداهو پيٽ" پئي رهي آهي. انگريزن کان اڳ، جيڪي مٺ جيترا ماڻهو پڙهيا، تن وڏ ۾ وڏ منشي، آخوند، ملون يا خسيس ڪاموري بڻجڻ جي تعليم حاصل ڪئي. جن کي اڄ عظيم عالم ۽ داناءَ سڏي، لکين رپيا خرچي، سندن ڪتاب ڇپائي، عوام تي مڙهجن ٿا، سي معمولي قسم جا نيم ملان هئا — جهڙوڪ محمد هاشم ٺٽوي وغيره، جن تي

۽ مفڪرن کان سکيا. آهي باغي وڏ ۾ وڏ سرمائيداره جمهوري قدرن جا حامي ۽ فاشزم جا ذهني مخالف هئا، بس. عملي طرح هنن جي تعليم غير عوامي ۽ غير انقلابي هئي. اُن تعليم جو مرڪزي نقطو هو، وچين طبقي واري ”آءٌ“، ”آءٌ هجڻو! آءٌ هجڻو!“ باقي پورهيت عوام ڪجهه ناهن.

(ث) جيڪي انگريزن تي ڳڻ جهڙا ڪن خاص علمن جا معمولي چاڙهو پيدا ٿيا، تن جي اڪين تي به وڏيرڪي ۽ سرمائيداري سوچ ۽ فڪر جا ڪوپا چڙهيل آهن، ان ڪري هو هڪڙي ننڍي خول ۾ قيد رهجي ويا آهن ۽ اڳتي وڌي نه سگهيا آهن.

(ج) اڄوڪو شاگرد طبقو علمي طرح تمام پوئتي پيل آهي. هو دنيا جي بين الاقوامي ٻوليءَ، انگريزيءَ ۾ سخت ڪمزور آهي. ’جيئي سنڌ‘ جي نعري هڻڻ جي عيوض هن پاڻ کي مطالعي کان موڪل ڏيئي ڇڏي آهي ۽ هر مسئلي جو حل فقط نعري بازيءَ کي سمجهڻ لڳو آهي. ڪيس دنيا جهان جي ڪابه خبر ڪانهي. منجهن پنهنجي دليان پڙهڻ، سمجهڻ ۽ سوچڻ جي قوت پيدا نه ٿي سگهي آهي.

(ح) سنڌ ۾ ويجهڙائيءَ ۾ ڪي به خاص وڏيون بنيادي سماجي اٿلون پٿلون، جهڙوڪ جنگ، خانه جنگي، ڏڪار ۽ پاڄ وغيره جهڙيون حالتون پيدا نه ٿيون آهن، جيڪي قوم کي ڏوندائڙي، دقيانوسي سوچ جي ڪوڙڪيءَ

مان آزاد ٿيڻ تي مجبور ڪنديون آهن.

(خ) سنڌي پڙهيل طبقو دنيا جي انقلابي ۽ سماجي وهڪرن کان ڪٽيل آهي. ڪيس دنيا جي علمي، فڪري ۽ سائنسي واڌارن جي ڪابه خبر ڪانهي. دنيا جي ٻين ٻولين جا ڪجهه ڪتاب ۽ ادب فقط اردوءَ ۾ ترجمو ٿين ٿا. انهن کي عام سنڌي پڙهيل چڱيءَ طرح پڙهي نٿو سگهي. اردوءَ جي آڙ ۾ ٿيل بدمعاشين ڪري جيڪي ٿورا گهڻا سنڌي اردو پڙهي سگهندا هئا، سي به ان کان بيزار ٿي ويا آهن. هاڻي سنڌي پڙهيل طبقي جي ڪُل موڙي ۽ ڪائنات وچي ٻه چار سنڌي چوپڙيون ۽ ٻه چار رسالا رهيا آهن. انهن ۾ ٻي دنيا ته ٺهيو پر رڳو پاڪستان جي ٻين علائقن بابت پورو سڌ سماءُ به ڪونه هوندو آهي. سنڌي ٻوليءَ سان ماتيجي ماءُ وارو ورتاءُ، جيڪو ون يونٽ جي دور کان ٿيندو رهيو آهي، اهو اڃا تائين جاري آهي. ان ڪري سنڌيءَ ۾ انقلابي علمي ته ٺهيو پر عام علمي ڪتابن جي اشاعت به بنهه نه جهڙي پئي رهي آهي. انهن سببن جي ڪري سنڌي پڙهيل طبقو، خاص ڪري شاگرد جهالت جي ڌٻڻ ۾ گتو پيو آهي.

(٦) وچين طبقي جي اديب، شاگرد ۽ دانشورن جو ٿولو ننڍڙن ٽولن ۾ ورهايل آهي. جن مان ڪي ٽولا پرمارن جي خدمت ڪن ٿا، جيئن جماعت اسلامي، پناهگير - پنجابي، نعپ ۽ ٻين نقلي ترقي پسند پرمارن

# "ڪوڙو توڻ ڪفر سبين،
ڪـافــر م ڪوٺــاءِ"

●

**مکيہ تضاد:** پاڪستان جي ماڻهن منجهه ڪيترائي تضاد ۽ ٽڪر آهن. پر سڀ کان وڏو تضاد پاڪستان جي مظلوم قومين — سنڌين، بلوچن، پٺاڻن — ۽ ظالم قومين يعني پنجابين ۽ پناهگيرن جي وچ ۾ آهي. اهو اڻجوڪي پاڪستان جو بنيادي ۽ مکيہ تضاد ۽ مکيہ ٽڪر آهي. جيستائين اهو تضاد حل نہ ٿيو آهي، تيستائين حڪومت ايوب جي هجي يا يحيٰ جي، محمد عليءَ جي هجي يا غلام محمد جي، کهڙي جي هجي يا پٽي جي، جماعت اسلاميءَ جي هجي يا ڪنوينشن مسلم ليگ جي، اُها پاڻ کي بنيادي جمهوريت سڏائي يا اسلامي سوشلسٽ، ڳالهہ ڌري گهٽ ساڳي رهندي.

**ڇهہ سنڌدشمن ٽولا:** سنڌي قوم جي حق پرست انقلابي وطن-دوست جدوجهد جي ڇهہ ٽولا توڙ کان، سر ڌڙ جي طاقت سان، مخالفت ڪري رهيا آهن:-

١- سنڌي عوام تي ظلم ڪندڙ وڏو سنڌي زميندار ۽ سنڌي ڪامورن جو ٽولو.

٢- سموري ملڪ تي ڇانيل وڏن فوجي ۽ سول آفيسرن جو ٽولو، جو لا اينڊ آرڊر قائم ڪرڻ ۽ انتظام

Gul Hayat Institute

هلائڻ جي آڙ ۾ ملڪ کي غلام بنائي ۽ ڦري لٽي ٿو۔

٣- پنجاب ۽ ڪراچيءَ جو وڏو زميندار ۽ سرمائيدار ٽولو، جو نظريي پاڪستان جي آڙ وٺي، پاڪستان جي مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن کي غلام رکيو ويٺو آهي۔

٤- وڏن زميندارن ۽ سرمائيدارن جو ايجنٽ مودوديءَ جهڙن ملن جو ٽولو، جو اسلام کي آڙ بنائي، عوام تي پنهنجي رجعت پسند عوام-دشمن ڊڪٽيٽرشپ مڙهڻ گهري ٿو۔

٥- پنجاب ۽ يو-پيءَ جي چوٽي وچين طبقي جو اهو پڙهيل ڳڙهيل ٽولو، جو ترقي پسنديءَ جي آڙ وٺي، سوشلزم ۽ انقلاب جي نالي ۾، پاڪستاني مظلوم عوام ۽ مظلوم قومن تي يو-پيءَ ۽ پنجاب جي ننڍي وچين طبقي جي فائدي وارو سرمائيدارانه ۽ قومي غلاميءَ وارو نظام مڙهڻ گهري ٿو۔ (اِهو ٽولو بظاهر چيني ۽ روسي گروهن ۾ ورهايل آهي، پر عملي طرح پاڪستان جي مظلوم عوام خلاف سازش ۾ اِهي ٻيئي گروهه همخيال ۽ ساٿي آهن۔)

٦- دنيا جي قومن کي ۽ دنيا جي عوام کي غلام بنائيندڙ عالمي سامراج، جنهن جي اڳواڻي آمريڪا ڪري رهيو آهي۔

مٿيان سنڌ-دشمن ٽولا، پاڪستان جي مظلوم قومن ۽ مظلوم عوام جا دشمن ٽولا، ظاهري طور هڪٻئي

Gul Hayat Institute

ڳان الڳ ۽ ڪن حالتن ۾ مخالف آهن، پر حقيقت ۾ اهي هڪڙئي سان اڻ-لکين تندن ۽ تارن ذريعي ڳنڍيا پيا آهن. ظاهري طور اِهي اچوڪي دور جا آهن، حقيقت ۾ اِهي تمام پراڻا آهن. ظاهري طور اِهي اسان جي اکين اڳيان هلن چلن ٿا، پر اِنهن جون پاڙون سنڌ، هند بلڪ ايشيا ۽ سموريءَ دنيا جي تاريخ جي پاتال ۾ پيٺل آهن.

**سڀني کان خطرناڪ ٽولو:** پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ گذريل پاءُ صديءَ جي تجربي ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته پاڪستان جي مظلوم قومن جي سجاڳيءَ، واڌاري، اتحاد ۽ جدوجهد جي راهه ۾ ڪوبه ٽولو اهڙي سنگين ۽ زبردست رڪاوٽ نه ثابت ٿيو آهي، جهڙو پنجون نمبر نام نهاد ترقي پسند ٽولو.

پنجابي ۽ اردو باز سنڌ-دشمن ڪاٻورو، وچين طبقي جو ماڻهو ۽ سرمائيدار پاڻ کي مغل سلطنت جو اڪيلو جانشين ۽ پاڪستان جو اصلي وارث ٿو سمجهي ۽ ٻين کي غاصب ۽ گهٽ ٿو ليکي. پنجابي ۽ اردو باز سنڌ-دشمن ترقي پسند وري پاڻ کي ترقي پسنديءَ ۽ انقلاب جو گادي نشين سمجهي ٿو. کيس يقين آهي ته انقلابي واٽن ۽ منزلن جي اسرارن جو ڪشف فقط کين ئي ٿي سگهي ٿو. کين ئي سڀ ڳالهيون معلوم آهن. پاڪستان ۾ اِها امانت فقط سندن گهر ۾ ئي سونهي ٿي. ٻيا سنڌي، بلوچ ۽ پٺاڻ عوامي ڪارڪن، مريد ٿي، فيض پرائي سگهن ٿا، باقي اصلي منزل تي رسي

اِهي سڀ هڪڙيءَ قوم جي ٻيءَ قوم سان ظلم جا مثال آهن. اِنهن ظلمن ۾ اڳواٽي برابر سرمائيدار حاڪم طبقي ٿي ڪئي، پر ٻي سموري قوم به ذري گهٽ سڄي اُن وحشيانيءَ حرڪت ۾ شامل رهي ٿي. اڄ جيڪي آمريڪي بگهڙ ٻي هٿيار ويٽناميِن تي بمباري پيا ڪن، سي سڀ سرمائيدارن جا پٽ آهن ڇا؟ هٽلر پاڻ اڪيلي سر ڪِين تي وڙهيو! سندس ذليل پروگرام ۾ جرمنيءَ جا غريب مزدور توڙي هاري، مرد توڙي عورتون شريڪ هئا. نہ تہ هو هرگز ايڏيون فوجي ڪارروايون نہ ڪري سگهي ها. اُن جو سبب اِهو آهي تہ ڦرمار ڪندڙ ظالم قوم مظلوم قومن کي پيڙي، جيڪي حاصل ڪري ٿي، تنهن ۾ ٿورو گهڻو حصو سڄيءَ ظالم قوم کي ملي ٿو. ظالم قوم جو ٻچو ٻچو پاڻ کي مظلوم قوم کان اُوچو ۽ اعليٰ سمجهڻ لڳي ٿو. پنهنجي قوم جي فائدن کي مظلوم قوم جي فائدن کان برتر سمجهي ٿو. سواءِ ڪن آڱرين تي ڳڻڻ جيترن ماڻهن جي، پيا سڀ شعوري يا لاشعوري طور، سڌيءَ يا اڻ سڌيءَ طرح، مظلوم قوم کي پيڙڻ ۽ ستائڻ ۾ حصو وٺن ٿا، ۽ ان جو عيوضو ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ حاصل ڪن ٿا. مثال طور، سنڌي قوم جي زمين ڦٻائڻ ۾ رڳو وڏن پنجابي- مهاجر سرمائيدارن، زميندارن ۽ ڪامورن جصو ڪونہ ورتو آهي، پر هر ننڍو وڏو، غريب ۽ شاهوڪار اردو باز پنهنجي توفيق آهر، ڪوڙا

اردو بازن جي ڪا قوم ئي ڪونہ آهيون تہ ظالم قوم ڪتان ٿينداسين؟“ ائين چئي، هو وڏن عالمانہ، فاضلانہ دليلن سان اِهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش شروع ڪريو ڏين تہ اردو باز ڪا قوم نہ آهن.

سوال ٿو اٿي تہ ائين آهي ڇا تہ ڦرلٽ فقط تڏهن ٿئي ٿي، جڏهن اُها فقط هڪڙيءَ ساڳيءَ قوم جا ماڻهو ڪن؟ ڦورو ڌاڙيلن ڪي ڦورو ۽ ڌاڙيل فقط تڏهن ڪوٺي سگهبو ڇا، جڏهن هو فقط هڪڙيءَ قوم جا هجن؟ مختلف قومن جي ماڻهن جي گڏيل ڦورو ٽولي کي ظالم ۽ جابر نہ چئي سگهبو ڇا؟ ڇا، نادر شاه جي ڌاڙيل سپاهين ۾ سڀ ايراني قوم جا ماڻهو هئا؟ هٽلر جي ڦورو ۽ قاتل سپاهہ ۾ سڀ جرمن هئا ڇا؟ منجهن اٽليءَ، هنگري، آسٽريا وغيره قومن جا سپاهي ڪونہ هئا ڇا؟ جيڪي انگريز هندستان کي لٽيندا هئا، سي سڀ انگلنڊ جا هئا ڇا؟ نيپئر تہ آئرلينڊ جو ويٺل هو، جا هڪ جدا قوم آهي. انهيءَ ڪري انگريزن جي ڦرلٽ جائز ٿي پئي آهي ڇا؟ يا انگريز ڌاڙيلن مان ڦري شريف ٿي پيا ڇا؟ مهاجر نام نهاد ترقي پسند بزرگ چون ٿا تہ مهاجر قوم نہ پر ثقافتي ٿورائي آهن. جيڪي ماڻهو ٿورا آهن، تہ اهي هرويرو شريف ٿي پيا ڇا؟ ڇا، تاريخ ۾ ظالم ٿورايون نہ ٿينديون آهن ڇا؟ هندستان ۽ چين تي جن قومن حملا ڪيا آهن، سي هندستان ۽ چين جي سوين پتيءَ جيترا بہ ڪونہ هئا! يوناني، پٺاڻ، مغل ۽ انگريز سڀ

ڌورائيءَ ۾ هئا. الجزائر ۾ فرينچ ڌاڪو ڌورائيءَ ۾ هئا. عربستان ۾ يهودي ڌورائيءَ ۾ آهن. آفريڪا ۾ فاشي گورا ڌورائيءَ ۾ آهن. اُهي سموريون ظالم ڌورايون ۽ اقليتون آهن، جي اڪثريت کي پنهنجي گهر ۾ چور ڪري ويٺيون آهن.

ڪڏهن وري چيو ويو ته ”اردوباز ٽولي وارا پاڻ ڦرجيَ مارجي مظلوم ٿي آيا آهن. اُهي وري ڇا جو ظلم ڪندا هوندا!“ ان جو جواب تاريخ ۾ موجود آهي. ”مي فلاور“ بحري جهاز ۾ چڙهي، جيڪي ڏتڙيل، پيڙيل انگريز آمريڪا پهتا، تن مظلومن اُتي پهچڻ شرط اُتي جي اصلي آمريڪين جو جڙ ٻچو ناس ڪري، سڄي ملڪ تي قبضو ڪري ورتو. اڄ به ويچارا باقي بچيل اصلي آمريڪي، يعني ريڊ انڊين، جهنگ جي جانورن وانگر لوڙهن ۾ بند آهن. هٽلر جي دل ڏاريندڙ وحشيانه ظلمن جي شڪار ٿيڻ کان پوءِ، مظلوم يهودين عربن سان جيڪي ويل وهايا آهن، ۽ گهر ڏٺين کي لوڏي، مهمان مان مالڪ بڻجي، ڏتڙو ڪٺيو، عربن کي موڙيندا وتن، تنهن جو مثال اکين اڳيان موجود آهي. تاريخ اهڙن معصوم ٽولن جي داستان سان ڀري پيئي آهي، جن پنهنجي ملڪ مان تڙجي نڪرڻ کان پوءِ، وڃي ٻين کي پنهنجي گهرن مان تڙيو. اِرغون به ته وچ ايشيا مان، لوڏجي نڪتا هئا ۽ مظلوم ٿي سنڌ ۾ آيا هئا!

سان گڏجي پنجابين سان مقابلو ڪريون! مهاجر جڏهن ساٿ ڏيڻ لاءِ تيار ٿي آهن، ته پوءِ پاڻ ڇو موقعو وڃايون!" اِهو ائين آهي جيئن هڪڙو بگهڙ ۽ ٻيو چيتو ڪنهن گهيٽي کي ڦيري اچن، ۽ بگهڙ ڏاڍيءَ فراخدليءَ سان، ڏاڍي بزرگ واري نموني سان گهيٽي کي چوي ته "ابا گهيٽا! اسان ٻنهي سان وڙهي ڪونه پڄنديں، آءٌ پاڻ چيتي سان ڪونه ٿهان، تنهنڪري ٻچا تون ٻوڙي اچي منهنجي پيٽ ۾ ويهه، ته ٻيئي گڏجي چيتي سان وڙهون!"

["تحريڪ" – ڊسمبر، ۱۹۷۶ع]

## (٢)

نقلي ترقي پسند، سنڌ-دشمن ٽولي تي "عوام" جي مقدس چادر وجهي، ان کي معصوم ۽ پوتيءَ پاڪ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. ڇڻ ته قومون ۽ عوام ڪڏهن به ظالم نه ٿيندا آهن! مارڪس، لينن، اسٽالن ۽ مائوزي تنگ هميشه ظالم ۽ مظلوم قومن جي فرق کي نه رڳو ڇيو ۽ تسليم ڪيو آهي، پر هنن هڪ ترقي پسند جي سڃاڻپ ۽ پرک جي ڪسوٽي ئي اِها ٺهرائي آهي ته جڏهن سنڌس قوم ظالم آهي تڏهن کي ظالم چئي ٿو يا نه. نه رڳو ايترو، پر هو پنهنجي ظالم

Gul Hayat Institute

ظلم ڪري رهيا آهن، تنهن ۾ اسين سندن حصيدار ٿيڻ لاءِ هرگز تيار نه آهيون.... اسين مطالبو ڪنداسين ته وحشي آسٽريائي (جرمن) فوج فورن اٽليءَ مان واپس گهرائي وڃي، ۽ اٽليءَ جي عوام کي حق ڏنو وڃي ته هو جهڙي نموني چاهين، تهڙي نموني جي حڪومت قائم ڪن...." (مارڪس ۽ اينجلس جا چونڊ خط، صفحو ۴۶).

جڏهن، ۱۸۷۰ع ۾، جرمن قوم بسمارڪ جي اڳواڻيءَ هيٺ فرانس جي سرحدن ۾ داخل ٿي، تڏهن مارڪس جي ساٿين، ليبنيڪ ۽ بيبل، جرمن پارليامينٽ اندر کلم کلا تقرير ڪري، پنهنجي قوم کي ننديو ۽ اعلان ڪيو ته اِهو فرينچ قوم سان ظلم آهي. هنن جرمن مزدورن کي هدايت ڪئي ته هو فوج ۾ ڀرتي نه ٿين. اُنهن تقريرن جي ڏوه ۾ ٻنهي تي غداريءَ جو مقدمو هلائي، ڪين جيل ڏياريو ويو. جڏهِن ۱۸۶۷ع ۾، آئرلنڊ جي محب وطن انقلابين کي انگلنڊ خلاف بغاوت جي ڏوهه ۾ سزائون آيون، تڏهن مارڪس جي اڳواڻيءَ هيٺ انگلنڊ جي ترقي پسندن لنڊن ۽ ٻين شهرن ۾ پنهنجي قوم يعني انگريزن جي خلاف ۽ مظلوم آئرلنڊ جي حق ۾ زبردست مظاهرا ڪرايا ۽ اعلان ڪرايو ته انگريز قوم کي ڪوبه حق نه آهي ته آئرلنڊ کي غلام رکي. (چونڊ خط، صفحو ۱۹۴ ۽ ٻيا) مارڪس ۽ سندس ساٿي زندگيءَ تائين انهيءَ اصول تي ڪاربند رهيا، ۽ ظالم قوم کي ظالم چوندا ۽ انهن جي مخالفت ڪندا، ۽ مظلوم

Gul Hayat Institute

قوم کي مظلوم چوندا ۽ انهن جي حمايت ڪندا رهيا. مارڪس جي نظر ۾ مزدور طبقو سڀ کان وڌيڪ روشن خيال ۽ ترقي پسند ٿئي ٿو. پر هن جڏهن محسوس ڪيو ته انگلنڊ جو مزدور به مظلوم قوم جو پوريءَ طرح طرفدار ٿيڻ لاءِ تيار ناهي، تڏهن انگريز مزدور طبقي جي مذمت ڪيائين ۽ چيائين ته "انگلنڊ جو مزدور به سرمائيدار مزدور آهي!" (چونڊ خط، صفحو ١١٠)

قومن جي مسئلي تي لينن جي تعليم ۽ عمل جو گهرو مطالعو ڪبو، ته ڏسبو ته دنيا جي قومن جي برابريءَ جي علمبردار هجڻ سان گڏو گڏ هن ظالم ۽ مظلوم قومن جي وچ ۾ سدائين فرق ڪيو ۽ مظلوم قومن جي حمايت ڪيائين. انقلاب کان پوءِ نهايت ناسازگار حالتن ۽ ڪٺن مشڪلاتن جي باوجود، هو سختيءَ سان ننڍين قومن جو حمايتي ۽ روسي ناجائز قوم پرستيءَ جو زبردست مخالف رهيو. روسي سلطنت جي فنلنڊ صوبي جي سرمائيدار طبقي، حالتن جو فائدو وٺي، ڪميونسٽن جو ڪوس ڪرايو. لينن، باوجود ان جي، کين گهر ويٺي آزاديءَ جو پروانو ڏياري موڪليو. هن اسٽالن ۽ جرجنسڪيءَ جهڙن ننڍين قوميتن جي ڪميونسٽن کي به بار بار تاڪيد ڪيو ته ننڍين قومن کي صحيح معنيٰ ۾ آزادي ڏيو ۽ ڪابه بي‌ايماني نه ڪريو. هو سخت بيماريءَ جي حالت ۾ به کين تارن مٿان تارون ڪندو رهيو ته رپورٽ ڪيو ته اوهان منهنجي هدايتن

تي عمل ڪيو آهي يا نه. هن ڪيترا ڀيرا ننڍين قومن سان انصاف نه ڪرڻ جا الزام لڳائي، ڪين سخت ڇينڀيو. اسٽالن جو قوميت بابت لکيل ڪتاب ڏيکاري ٿو ته هو ننڍين قوميتن جي حقن کي ڪيڏي بنيادي اهميت ڏئي ٿو.

مائوزي تونگ جو نظريو اُنهيءَ مان ظاهر آهي ته هو چوي ٿو ته ”هر مظلوم قوم جي ماڻهن جي ترقي پسندي ۽ بين الاقواميت ئي اِها آهي ته هو محب وطن بڻجن ۽ ظالم قومن خلاف پنهنجي مظلوم قوم جو ساٿ ڏين ۽ سندس اڳواڻي ڪن.“

جيڪي نقلي ترقي پسند ۽ سندن پاڙهيل ۽ ميڪاريل سنڌي طوطا چون ٿا ته مارڪسي ترقي پسند فلسفي موجب عوام ڪڏهن به ظالم نه ٿيندو آهي، فقط مٿيون طبقو ۽ حڪومت ظالم ٿيندا آهن، تن کي ١٨٧٠ع ۾ فرانس طرفان جرمنيءَ تي ڪيل اڳرائيءَ وقت مارڪس جي جرمن ترقي پسندن کي ڏنل هدايت جو مطالعو ڪرڻ کپي. ڪن جرمن ڪميونسٽن، بين الاقواميت جو ٺالو وٺي، جرمن مزدورن - کي چيو ته ”هي فرينچ ۽ جرمن مٿين طبقي جي لڙائي آهي، فرينچ عوام جو ڪوبه ڏوهه ناهي، تنهنڪري فرينچن جو مقابلو نه ڪجي. پاڻيهي حاڪم پاڻ ۾ چاڙهندا. اوهان جو ڪجهه به نه وڃي.“ اهو پڙهي، مارڪس سخت ڪاوڙجي ويو. هن لکيو: ”فرينچ قوم جو سمورو عوام اهڙيءَ اڳرائيءَ

هٿان ڪيس سزائون ڏياريون، ته ٻئي طرف هنن نقلي ترقي پسندن به رات ڏينهن سنڌس خلاف سُس پس جي شرير مهم هلائي، سنڌ جي سماجي شعور رکندڙ نوجوان طبقي کي ڪانئس بدظن ڪيو. اهڙيءَ ريت ٻنهي طرفن کان سنڌس پَر ڪٽيا ويا. مون کي ياد آهي ته جڏهن پهريون ڀيرو مارشل‌لا وارن حيدر بخش جتوئيءَ کي قيد ڪيو، تڏهن نقلي ترقي پسندن جي سُس پُس جي مشينري حرڪت ۾ آئي هئي ۽ ماڻهن کي سيڪاريائون ته ”جتوئي ته وڏيرن جي دلن گهٽائڻ لاءِ جيل ويو آهي، عيوضي به وڏيرن جو آهي!“ ساڳيءَ طرح ٻين ڪارڪنن مان ڪن کي مُلئون، ڪنهن کي رجعت پرست ۽ ڪنهن کي وهم پرست جا لقب عطا ڪري، اندران ڏي اندران سنڌن پاڙون ڪٽيون ويون. اُنهن کي پاڻ ۾ وڙهائي، پنهنجي تابع رکڻ لاءِ هر هڪ جي واري واري سان پٺي ٺپري ويندي آهي ته ”سچو ترقي پسند تون آهين، ٻيا هڙئي رجعت پرست آهن!“

وري جڏهن آهو سَند مليل سنڌي ترقي پسند سنڌ جي حقن جي حفاظت جي سوال تان ڪو اعتراض ڪندو آهي، ته هڪدم کيس رجعت پسند سڏي، ٻئي کي دام ۾ آندو ويندو آهي، ۽ هن کي ثابت ڪري ڏيکاريو ويندو آهي ته ”تون ترقي پسنديءَ جي سَند لاءِ اسان جي رحم ڪرم جو محتاج آهين. جي اسان جي فرمانبرداري نه ڪندين، ته تنهنجي خلاف فتويٰ

ڪيي، تو ڪي سموري پاڪستان جي ترقي پسندن ۾ بدنام ڪنداسين." اهڙيءَ ريت، هي ترقي پسند پوپ معافينامن جي مٺا سٺا ۽ واپار ڪندا رهيا آهن، ۽ عوامي جمهوري ڪارڪنن ۽ اڳواڻن مٿان سدائين سندن مخفي فتوائن جي تلوار لٽڪندي رهندي رهي.

هو پاڪستان اندر قومي آزاديءَ جي جذبن ۽ جدوجهد جو طبقاتي ۽ انقلابي جوهر پر ڪي نه سگهيا. هو دل ۾ ان کي هڪ وچڙندڙ بيماري سمجهي، ان جي اندروني مخالفت ۽ ظاهراً منافقائيءَ واري تائيد ڪندا رهيا. ۽ موقعي ملڻ شرط، گس هلندي، اک بچائي، قومي تحريڪ جي هلندڙ گاڏيءَ جي ڦيٿن مان هوا ڪيي ڇڏيندا هئا يا ان کي پنڪچر ڪري ڇڏيندا هئا.

دراصل يو-پيءَ ۽ پنجاب جي جاگيردار ۽ هن نام نهاد ترقي پسند ٽولي جا مقصد ساڳيائي هوندا هئا ۽ آهن. يعني ننڍين قومن جي وجود کان انڪار ڪرڻ، قومي تحريڪن کي اندران ئي اڏران ڏک هڻڻ ۽ کين پنجاب ۽ يو-پيءَ جي سياستبازن جو غلام رکڻ. فرق فقط هي هو ته

(١) پهريون ٽولو پاڪستان جي قومن کي يو-پيءَ ۽ پنجاب جي جاگيردار ۽ سرمائيدار سياستدانن جو غلام رکڻ چاهي ٿو، ۽ ٻيو نام نهاد ترقي پسند ٽولو کين يو-پيءَ ۽ پنجاب جي وچين، پڙهيل ڳڙهيل طبقي جو غلام بنائڻ گهري ٿو.

(٢) پهريون ٽولو اسلام ۽ پاڪستان جي نالي ۾ ننڍين قومن جي وجود ۽ حقن کان انڪار ڪرڻ گهري ٿو، ته ٻيو ٽولو سوشلزم ۽ انقلاب جَي نالي ۾ ساڳي ڪار ڪرڻ گهري ٿو.

(٣) پهريون ٽولو اسلام ۽ پاڪستاني برادريءَ جي نالي ۾ ننڍين قومن جي حقن تي ڌاڙو هڻڻ گهري ٿو، ته ٻيو ٽولو اُهو ڌاڙو سوشلسٽ ۽ طبقاتي برادريءَ جي نالي ۾ هڻڻ گهري ٿو.

(٤) پهريون ٽولو قومي تحريڪ ۽ ان جي علمبردارن کي هيسائڻ ۽ بدنام ڪرڻ لاءِ مٿن پاڪستان-دشمن، اسلام-دشمن ۽ علاقائي تعصب جون تهمتون هڻي ٿو، ۽ ٻيو ٽولو مٿن انقلاب-دشمن، وڏيرا پرستيءَ ۽ رجعت پرست قوم پرستيءَ جا بهتان مڙهي ٿو.

(٥) پهريون ٽولو قومي تحريڪ خلاف علي الاعلان جبر ۽ ڏاڍ کان ڪم وٺي ٿو ۽ آمهون سامهون حملو ڪري ٿو. ٻيو ٽولو ظاهري همدرد بنجي، اندران قومي تحريڪ جي علمبردارن جون گلائون ڪري، ڪوڙا افواهه ڦهلائي، منافقيون ڪري، ڪوڙيون همدرديون ۽ سرجوشيون ڏيکاري، پنهنجن چاڙتن جي قربانين جا ڪوڙا ۽ من گهڙت افسانا ڦهلائي، سيني ڪان اڳ قومي تحريڪ جو وارث بنجي، اُن جا لاهه ڪڍي ٿو.

آنهن ٻنهي ٽولن جي جنڊ جي ٻن پڙن وچان ڪنهن به قومي تحريڪ جي رهبر جو صحيح سلامت

بچڻ ناممڪن هو. نقلي ترقي پسند قومي تحريڪ ۽ قومي ڪارڪنن جي پٺ وٺيو ايندا رهيا ۽ قدم قدم تي سنڌين راهه ۾ ڪنڊا پوکيندا رهيا ۽ ڪين اندران ئي اندران سنڌ ۽ پاڪستان ۾ بدنام ڪري، پنهنجا هٿ ٺوڪيا ماڻهو سنڌين خلاف ڪڙا ڪري، انهن کي هشيون ۽ ٽيڪرون ڏيئي، قومي سياست کي ناڪام بنائيندا رهيا. هن ٽولي، قومي تحريڪن جي سيني مورچن تي پنهنجا هٿ ٺوڪيل قابض ڪري ڇڏيا آهن، جي اشاري ملڻ تي قومي تحريڪ جي رهنمائن کي بليڪ ميل ڪري، ڪين بيواهه ڪري سگهن ٿا، ۽ هو پنهنجن پيرن هيٺان زمين کسڪندي ڏسي، بظاهر "پنهجن" کي به مخالف ڏسي، لاچار هٿيار ڦٽا ڪرڻ تي مجبور ٿين ٿا.

پنجاب ۽ يو-پيءَ جي اِنهيءَ "ترقي پسند" ٽولي جو ڄار سڄي پاڪستان ۾ ڦهليل آهي. اُن ڄار کي هو مختلف طريقن سان استعمال ڪري، سنڌ جي قومي تحريڪ ۽ ان جي ڪارڪنن کي اپاهج بنائي سگهيا آهن ته:-

(١) پهريون ته هو سنڌ خواه پاڪستان جي سيني حصن ۾ جنهن کي چاهين، تنهن کي رات وچ ۾ ليڊر مشهور ڪري سگهن ٿا اُنهيءَ ليڊر ساز فئڪٽريءَ ڪيترائي نقلي شاگرد ليڊر، نقلي هاري ليڊر، نقلي سنڌي قومي ليڊر ۽ نقلي دانشور تيار ڪيا ۽ ڦٽايا آهن. اهڙا

جڙتو ليڊر سنڌ اشاري تي هلي، سنڌ ۽ پاڪستان جي ٻين قومن جي محب وطن ڪارڪنن کي پاڪستان جي سطح تي بي يار و مددگار ڪري سگهن ٿا ۽ ڪندا رهيا آهن. هو هر وقت، هر هنڌ، هر مورچي تي "اڪثريت" حاصل ڪري سگهن ٿا.

(٢) ٻيو ته هو چنپ چاپ مات ميٽ ۾ ڪنهن ٻه ڪارڪن يا تحريڪ جي خلاف سڄي پاڪستان ۾ هيڪ وقت خفيه پروپئگنڊا جي مهم هلائي، ان لاءِ زهريلي فضا پيدا ڪري سگهن ٿا. جيئن ته سڀ حرڪتون چپ چاپ ۾ ٿينديون رهنديون، تنهنڪري واسطيدار کي پتو ئي ڪونه پوندو ته پردي پٺيان ڪهڙو کيل کيڏجي رهيو آهي! مطلب ته مڪمل منافقيءَ کان ڪم وٺڻ کي "انقلاب" جو بنيادي اصول ڪري ورتل آهي. تنهنڪري، اهي سمورا مخالف ۽ سازش ڪندڙ، اشراف ٿيو، ظاهري طور، اڳلي جا قصيدا پڙهندا ايندا ۽ اڳلي کي خبر پوڻ ئي ڪونه ڏيندا ته اسين تنهنجي خلاف ڪهڙو ممڻ مچايو ويٺا آهيون. هو پنهنجيءَ پر ۾ ڪين پنهنجو همدرد ۽ ساٿي سمجهيو ويٺو هوندو، تان جو عين وقت تي سڀ ڦري ويندس ۽ هو اڪيلو رهجي ويندو.

(٣) انهيءَ مڪروه ۽ عوام-دشمن سازش ۾ ڪين اردو پريس جي مڪمل حمايت حاصل هوندي، جو ان ۾ سنڌ اشاري تي جڙتو ليڊرن جا بيان ڇاپي،

ڪين سچيءَ سنڌ بلڪ پاڪستان ۾ مشهور ڪري، انهن کي ڪڏهن ڪم ڪرڻ جي لائق بنائيندا آهن.

(٤) سنڌ جي سياست مڪمل طور وڏيرن جي هٿن ۾ هئي ۽ آهي. وچون پڙهيل ڳڙهيل طبقو ڪافي تعداد ۾ موجود نه هو. پڙهيلن جي به علمي سطح تمام هيٺ پئي رهي آهي. منجهن سياسي علم ۽ شعور ناپيد هو. موجوده جديد انقلابي نظرين جي اونهي مطالعي جي کنهن ۾ به پهچ ڪانه هئي. تنهنڪري هي ٽولو انقلاب ۽ سوشلزم جي نالي ۾ پنهنجي گادي بنا خطري قائم رکندو اچي.

طبقاتي ڪشمڪش جي سائنسي سچ کي هنن ايڏيءَ بي درديءَ، ايڏيءَ بي ايمانيءَ ۽ ايڏي فريب سان استعمال پئي ڪيو آهي، جو اهو سچ هنن جي واتان ٻڌي هڪ عظيم ڪوڙ ٿي پيو آهي.

مارڪس، لينن ۽ ٻين انقلابي استادن کي وهم ۽ گمان ۾ به ڪونه هوندو ته اڳتي هلي، ڪي مڪار سندن تعليم ۽ اصولن جو اهڙو واهيات مذاق اڏائيندا ۽ انهن کي ايڏو بدنام ڪندا.

["تحريڪ" - ڊسمبر ١٩٤٧ع]
جنوري، فيبروري -

Gul Hayat Institute

# قومي جدوجهد جو پناهگير-
# پنجابي نقلي ترقي پسند نظريو

●

**پس منظر :** پناهگير-پنجابي نقلي ترقي پسند نظريي کي سمجهڻ لاءِ پناهگير-پنجابي نقلي ترقي پسندن کي سمجهڻ ضروري آهي. انهن کي سمجهڻ لاءِ وري خود پناهگير ٽولي ۽ پنجابي قوم جي تاريخي پس منظر کي سمجهڻ ضروري آهي.

**پناهگير ٽولي جو تاريخي پس منظر :**

هن مضمون جي مقصد لاءِ اصلي پناهگير ٽولو اسين ان کي ليکينداسين، جنهن جي مادري ٻولي اردو آهي. اردو لشڪري ٻولي آهي، ان لشڪر جي ٻولي، جيڪو افغان، مغل ۽ ايراني، سامراجي جاگيردارن ۽ قبائلي سردارن طرفان اڻورهايل هندستان يعني هندستان ۽ پاڪستان جي هندو توڙي مسلمان قومن کي غلام بنائي، ڦرڻ لٽڻ لاءِ، هڪ هزار سالن تائين هندستاني پاڪستاني هندو-مسلمان قومن جي سيني تي چڙهيو ويٺو هو. انهيءَ ٻاهرئين لشڪر تي ٽنڊڻ وارن پنهنجي مرڻ جيئڻ جو ناتو هند-پاڪ ڌرتيءَ ۽ ان جي هندو مسلمان پورهيت عوام سان ڳنڍيڻ بدران ڌارين حملو ڪندڙ

ڪري رهيو آهي. هو توڙ ڪان وٺي سخت تعصبي ۽ اڳرائيءَ واري ڪٽر قوم پرستيءَ ۾ مبتلا رهيو آهي. ان قوم پرستيءَ مختلف زماني ۾ مختلف روپ اختيار ڪيا آهن ۽ اها مختلف دورن مان لنگهي آهي*. اڄوڪي دور ۾ ان جا ڪيئي روپ بهروپ آهن. مثلاً، پناهگير ڪٽر قومپرستيءَ جو پناهگير ملين مودوديءَ جي جماعت اسلاميءَ وارو اسلامي روپ ۽ لياقت عليءَ وارو مسلم ليگي ۽ مها پاڪستاني روپ، وغيره. انهن مان سڀ کان هوشيار ۽ ڪارگر بهروپ آهي "انقلاب ۽ ترقي پسنديءَ جو بهروپ." اهو روپ جماعت اسلاميءَ ۽ مسلمليگ واري پناهگير قوم پرستيءَ جي روپ کان ڪئين دفعا وڏيڪ ڪامياب روپ آهي. البت ان جو مقصد به اهوئي آهي، جيڪو مودوديءَ ۽ لياقت عليءَ

---

* لينن لکي ٿو: "پين قومپرستين وانگر مها روسي اڳرائيءَ واري قومپرستي به مختلف دورن مان لنگهي آهي.....١٩٠٥ تائين فقط اڳهاڙي رجعت پرست قوم پرستيءَ جو زور هو. ١٩٠٥ واري انقلاب کان پوءِ مها روسي قوم پرستيءَ هن ملڪ ۾ فراخدليءَ جو چوغو اوڍيو.....اڄڪي هلي، اها جمهوريت پسنديءَ جو لباس پائيندي...." ٻئي هنڌ لينن اڳرائي ڪندڙ ڪٽر ۽ تعصبي مها روسي قوم پرستيءَ جي سوشلسٽ چوغي پهرڻ جو بيان ڪيو آهي ۽ ان جا پول پڌرا ڪيا اٿس.

"قومي سوال": لينن، صفحو ١١٥

Gul Hayat Institute

واري پناهگير قومپرستيءَ جو آهي- يعني، پاڪستان کي پناهگير ٽولي جي جاگير بنائي، پناهگير ٽولي کي افغان، مغل ۽ ايراني ڌورو سامراجين جو گادي نشين قائم رکڻ. جيڪڏهن جماعت اسلامي ۽ ليگ پناهگير ڪٽر قوم- پرستيءَ جون هوائي يا بري فوجون آهن، ته نقلي ترقي- پسندي وري ان جو بحري ٻيڙو آهي، جو پناهگير قوم- پرستيءَ جي شڪار کي هيٺان ئي هيٺان زيرآبين ذريعي تارپيڊو هڻي پورو ڪري ٿو.

## پنجابي قوم جو پس منظر

پنجابي قوم هزارين سال ڌارين حملي آور ڌاڙيل ٽولن جو شڪار رهي آهي. سنڌ ته اڃا ڪافي وقت، ڪنهن حد تائين خودمختيار سنڌي حڪومتون ڏٺيون آهن. پر پنجاب رنجيت سنگهه کان اڳ ڪابه خودمختيار پنجابي حڪومت ڪونه سڃاتي. سِک تحريڪ مذهبي روپ ۾ پنجابي عوام جي هڪ حصي جو مغل سامراج خلاف احتجاج هو. پنجاب جي شاعري ۽ عوامي ادب پنجابي عوام جي مظلوميت، وطن دوستيءَ ۽ انسان دوستيءَ جو خوبصورت آئينو آهي. رنجيت سنگهه پنجاب جو پهريون خودمختيار پنجابي حاڪم هو، جنهن پنجاب جي قومي شخصيت کي پهريون دفعو تاريخي اسٽيج تي آندو. رنجيت سنگهه هڪ طرف افغان سامراج جي مخالفت ڪئي، ته ٻئي طرف ان کان به بدتر انگريز سامراج سان اتحاد ڪيو ۽ ان جي سامراجي پاليسين ۾ چوٿو پائيوار

ٿيو. سنڌ خلاف انگريز، پٺاڻ ۽ پنجابي سازش جو رنجيت سنگهه اهم ڪارڪن هو. پنجابي فوجون انگريزن پاران ڪابل تي چڙهي ويون. سکن جو راڄ پورو ٿيو، پر پنجاب جي جاگيردار طبقي طرفان انگريزي سامراج جي چوڪيداري ختم ڪانه ٿي. جيئن قزاق سوين سال روسي سامراج پاران يورپ ۽ ايشيا جي مظلوم قومن لاءِ جلاد بڻيا رهيا، تيئن پنجاب جي مسواڙي فوج ايشيا ۽ آفريڪا جي مظلوم قومن لاءِ انگريز سامراج جي پگهاردار جلاد بڻي رهي. پنجابي جاگيردارن انگريز پرستيءَ ۾ ”فناڦي الاانگريز“ جو مرتبو وڃي حاصل ڪيو. ١٨٥٧ واري هند - پاڪ آزاديءَ جي جنگ ۾ پنجابي جاگيردارن ۽ پنجاب مان ڀرتي ڪيل مسواڙي فوج بدترين عوام دشمن ۽ وطن دشمن ڪردار ادا ڪيو. پنجابي نوجوانن کي انگريزن وٽ وڪڻي، جاگيرون ۽ لقب ورتا، پنجابي زميندارن ۽ جاگيردارن جو پيشو ٿي پيو. انگريز پرستيءَ ۾ پنجابي جاگيردار ۽ زميندار پنهنجي ٻوليءَ، پنهنجي ثقافت ۽ پنهنجي تاريخي ورثي کي وڪڻي ڇڏيو. دنيا ۾ شايد ئي ڪو اهڙو مثال هجي، جنهن ۾ ڪنهن قوم پنهنجي رضا خوشيءَ، بلڪ وڏي فخر سان پنهنجي هزارين سال جي تاريخي ورثي کي ائين ترڪ ڪيو هجي. پنجاب جي نفري تعداد ۽ انگريز سامراج سان سازباز ڪري حاصل ڪيل ترقيءَ سبب، پنجابي قوم پاڻ کي پاڪستان جو ” اصلي ٿي

(٢٩ نومبر ١٨٦٩ع، مارڪس جو ڪوگلمين ڏانهن خط.)

مطلب ته پناهگير - پنجابي پورهيتن جو صاف ۽ چٽو فرض آهي ته مظلوم قومن تي ڏورو ڪري نه، پر خود پنهنجي نجات لاءِ، پنجابي - پناهگير زميندار ۽ سرمائيدار جي خلاف جدوجهد ڪن. نه رڳو ايترو، پر هو انهن مظلوم قومن کان به اڳتي وک وڌائي، پناهگير - پنجابي سرمائيدارن طرفان مظلوم قومن تي ٿيندڙ قومي ظلمن جي مخالفت ڪن. اهائي صحيح ترقي پسند، صحيح انقلابي پورهيت ۽ صحيح مارڪسي - ليننی واٽ آهي. پر پنجابي - پناهگير ترقي پسند سڏائيندڙن مان ذري گهٽ سڀني اُن جي ابتڙ واٽ اختيار ڪئي آهي. اهڙيءَ ريت هنن پناهگير - پنجابي پورهيت عوام ۽ پاڪستان جي مظلوم قومن سان غداريءَ ۽ پناهگير - پنجابي زميندارن ۽ سرمائيدارن جي سڌي يا اڻ سڌي دلالي ۽ چمچا گيريءَ جي واٽ ورتي آهي. اهوئي سبب آهي، جو اسين کين نقلي ترقي پسند سڏيندا اسين. انهيءَ سلسلي ۾ لينن صاف چيو آهي ته ”جيڪو ماڻهو قومي ظلم ۽ نابرابريءَ خلاف لڙائي نٿو ڪري، سو مارڪس جي انقلابي تعليم جو پوئلڳ ته نهيو، پر سڪڻو جمهوريت پسند به ڪونهي.“

(قومن جي حق خود ارادي بابت مقالا، صفحو ٢٣)

## پنجابي- پناهگير نقلي ترقي پسندن جي قومي مسئلي بابت حڪمت عملي:- انهيءَ

حڪمت عملي جا مکيه ارڪان هيٺيان آهن:- (١) قومي جدوجهد جي دلي مخالفت ڪري، سندن قوم يا ٽولي طرفان مظلوم قومن جي جيڪا ڦرلٽ پيش ٿئي، تنهن ۾ پنهنجا حصا پتيون سلامت رکڻ. (٢) ان قومي جدوجهد جي مخالفت ۾ سرجوشي ۽ ڪاميابي ڏيکاري، پنهنجي حاڪم طبقن کي خوش ڪري، کانئن وڌيڪ سٺيا ٽڪر حاصل ڪرڻ. (٣) قومي جدوجهد جو دٻ ڏياري، پنهنجي حاڪم طبقن کي هيسائي، کين بليڪ ميل ڪرڻ ۽ پنهنجي اهميت ۽ حصو اڃا به وڌائڻ. (٤) مظلوم قومن جي سجاڳ ۽ اڳتي وڌيل جٿن کي پنهنجي هٿ ۾ رکي، کين پنهنجي طبقاتي ۽ قومي مفادن لاءِ استعمال ڪرڻ ۽ انهن جي ذريعي حاڪم طبقن سان اندروني ڪشمڪش ۾ پنهنجو پاسو ڳرو رکڻ. (٥) مظلوم قومن جي وڏيري، خان ۽ سردار طبقي کي بليڪ ميل ڪري، ان کي پنهنجي اهميت جو احساس ڏيارڻ، ۽ ساڻن سمجهوتو ڪري، کين پنهنجي مقصد لاءِ استعمال ڪرڻ. پويون ٻه ڳالهيون پناهگير- نقلي ترقي پسند سان خاص ڪري لاڳو آهن.

**چالون:-** قومي جدوجهد جي مخالفت لاءِ پناهگير- پنجابي ترقي پسند هيٺيون چالون ڪتب آڻيندا آهن:-

رازداريءَ جي هشيار ڪي عوام دشمن بجاءِ عوام خلاف استعمال ڪرڻ، ۽ رازداريءَ جي ناليءَ ۾ مظلوم قوم سان ڪوڙ ٻدوڙ، گلا خوريون، بهتان طرازيون، مڪر، فريب ۽ چالبازيون ڪرڻ.

## نظرياتي سرڪڻ ڦاهي : قومي جدوجهد کي

ناجائز، فضول ۽ نقصانڪار ثابت ڪرڻ لاءِ هين، مظلوم قومن جي عوام لاءِ، قسمين قسمين نظرياتي سرڪڻ ڦاهيون ٺاهيون آهن. اهي عوام اهڙي ڦاهيءَ مان مس مس جان آزاد ڪرائين ٿا، ته ٻيءَ ۾ ڦاسيو وڃن. هين پنهنجي رجعت پرست ۽ عوام دشمن ڪردار کي لڪائڻ لاءِ به ڪئين آڙون، ڪڏهن ۽ پير ٺاهي ڇڏيا آهن. اهڙي مان مس مس نڪائي ٻاهر ٿو ڪڍجين، ته ٻوڙ پاڻو ٻئي ۾ گهڙيو لڪيو وڃن. اهي سرڪڻ ڦاهيون ۽ ڪڏٺا هو روز پيا ٺاهين. هڪڙا پڙرا ٿيندا ته پيا اڳي ۾ ٺي تيار هوندا. انهن مان ڪي هيٺيان آهن:

(١) پورهيتن جو ڪوبه وطن نه ٿيندو آهي، تنهنڪري سڄيءَ دنيا جي انقلابين جو نعرو آهي: "دنيا جا پورهيتو متحد ٿيو!" دنيا جي انقلابين جو انجيل آهي "ڪميونسٽ پڌرنامو" - ان ۾ لکيل آهي ته "پورهيت جو ڪوبه وطن نه ٿيندو آهي." اهو هنن جو سڀ کان اول ۽ آخر ترپ جو پتو آهي. (٢) قومي مسئلو آهي ئي ڪونه. قومون نه ٿينديون آهن، فقط

Gul Hayat Institute

انقلابي پورهيت پارٽيءَ جي مخالفت معنيٰ بين الاقوامي تحريڪ جي مخالفت ڪرڻ ۽ رجعت پرستن جو ساٿ ڏيڻ. (١٧) پوءِ ويچارا هيترا سارا پناهگير پلا ڪيڏانهن ويندا؟ آنهن کي آخر ماري ته ڪونه ڇڏبو؟

لينن چيو آهي ته "ست احمق ايتريون ته گهڻيون حجتون اٿاري سگهن ٿا، جو دنيا جا ستر ڏاها به آنهن جو جواب مشڪل ڏيئي سگهن!" جي اهي احمق ساڳئي وقت مڪار، بي ايمان ۽ دليءَ جا ننگ به هجن، ته پوءِ ستر ته ڇا ست لک ڏاها به انهن حجتن کي ڪٽائي ڪونه سگهندا. اِنهيءَ ڪري سنڌيءَ ۾ چوندا آهن ته "نه کي نوَ ڪوٺ آهن!" هن دور جو انقلابي نظريو ڪو وحي يا الهام ڪونهي. ڪنهن جيَ به دعويٰ ڪانهي ته آهو آسمان مان نازل ٿيو آهي يا ڪنهن خاص دماغ آن کي ايجاد ڪيو آهي. آهو انساني سماج جي هزارين لکين سالن جي واڌاري جي هڪ خاص منزل جو نشان آهي. آهو ڪروڙين انسانن ۽ هزارين نسلن جي محنت ۽ جدوجهد مان حاصل ڪيل سبقن ۽ نتيجن جو مجموعو آهي. آهو هر وقت گذريل تجربي جي ڪسوٽيءَ تي پرکبو رهي ٿو. هر وقت آن مان ناقص يا مدي خارج جزا خارج ڪرڻا آهن ۽ نوان جزا آن ۾ شامل ڪرڻا آهن. انقلابي دانائن ۽ استادن ائين سيکاريو ۽ ڪيو آهي. گذريل صديءَ کان وٺي هر انقلاب، هر جدوجهد ۽

اتحادي ٿيندو. (٣) سماجي انقلاب فقط انهن ملڪن ۾ ايندو، جي صنعتي طرح اڳتي آهن، يعني انگلينڊ، جرمني ۽ فرانس ۾. (٤) هاري انقلاب دشمن رول ادا ڪندو. (٥) سرمائيدار مزدور اتحاد کي ٽوڙڻ لاءِ قوم پرستيءَ کي تلوار طور استعمال ڪندا، ۽ ان جي وسيلي جنگيون ڪري، مختلف ملڪن جي پورهيت عوام جي وچ ۾ نفرت جون ديوارون کڙيون ڪندا.

١٨٤٨ع وارن يورپي ناڪام انقلابن ثابت ڪري ڏيکاريو ته ڇوٽو وچون طبقو قطعي پروسي جوڳو ناهي. اهو پورهيت انقلاب جو پختو اتحادي ۽ ساٿي ٿي نه سگهندو. اڳتي هلي ١٨٧١ جي ’پئرس ڪميون‘ جي ناڪاميءَ انقلابي پورهيتن کي قطعي طرح ثابت ڪري ڏيکاريو ته سواءِ هارين جي اتحاد جي پورهيت اڪيلي سر انقلاب آڻي نه سگهندا. البت اهو اندازو اڃا به قائم رهيو ته انقلاب فقط تڏهن ڪامياب ۽ قائم رهي سگهندو، جڏهن اهو ساڳئي وقت گهڻن ڇوٽيءَ جي سرمائيدار ملڪن ۾ اچي.

روسي انقلاب انهن مان ٻن مفروضن کي غلط ثابت ڪيو ۽ هڪڙي کي صحيح ثابت ڪيو. اهو انقلاب توقع جي برخلاف يورپ جي ترقي يافته ملڪن ۾ نه، پر يورپ جي پوئتي پيل ملڪ ۾ آيو. ٻيو ته اهو ساڳئي وقت گهڻن ملڪن ۾ نه، پر هڪڙي ملڪ ۾ آيو ۽ نه رڳو ڪامياب ٿيو پر بچي به ويو، جيڪا

ڳالهہ توقع مطابق ٿي، آها هيءَ تہ انقلاب ۾ مزدورن سان هارين جو اتحاد قائم ۽ ڪامياب ٿيو. انهيءَ ريت انقلاب جي نظريي ۾ اهم تبديليون ۽ واڌارا ٿيا.

قومي مسئلي تي يورپ ۾ شروع کان وٺي ٻہ لاڙا هئا. هڪڙو لاڙو جرمن ۽ فرينچ سوشلسٽن، جهڙوڪ لاسال، لافارجي، لانگي ۽ پراوڌن جو هو. هنن قومن کي هڪ مدي خارج شيءِ سمجهيو ٿي ۽ قومي مسئلي کي انقلاب لاءِ رنڊڪ سمجهيو ٿي.

ٻيو لاڙو مارڪس ۽ اينجلس جو انقلابي لاڙو هو. هنن قومي سوال کي شروع کان وٺي زبردست ۽ تاريخي اهميت ڏني. هنن نہ رڳو قومن جي وجود، اهميت ۽ تاريخي جواز کي مڃيو ۽ مڃرايو، پر آن جو سائنسي حل سوچي ۽ غور ڪري تيار بہ ڪيو. آهو ٿورن لفظن ۾ هي آهي: ”قومن کي غلام ۽ تابع رکڻ ناجائز آهي. ڪنهن بہ قوم جي مفادن، ٻوليءَ ۽ ثقافت کي ٻيءَ قوم جي مفادن، ٻوليءَ ۽ ثقافت تي برتري ڏيڻ ناجائز ۽ انقلاب لاءِ نقصانڪار آهي. انقلابي گهڻ-قومي اتحاد انقلابي جدوجهد جي لازمي ضرورت آهي. ڏنڊي جي زور سان قائم ڪيل ۽ رکيل اتحاد انقلاب دشمن اتحاد آهي. اتحاد معنيٰ خوشيءَ جو اتحاد، حقيقي برابريءَ ۽ هڪجهڙائيءَ وارو اتحاد. اِن اتحاد لاءِ ضروري آهي تہ سمورو قومي ظلم، سموريون قومي برتريون، سمورا خاص رتبا ختم ڪيا وڃن. ڪنهن بہ

Gul Hayat Institute

قوم کي زوريءَ ڪنهن حڪومت جي تابع رهڻ لاءِ مجبور نه ڪيو وڃي. ڪنهن به قوم کي زبردستيءَ ٻيءَ قوم جي حڪومت ۾ شامل ٿيڻ تي مجبور نه ڪيو وڃي. قومن کي آزادي ڏجي ته هو چاهين ته ڪنهن ٻيءَ قوم سان گڏجي حڪومت ۾ ڀائيوار ٿين ۽ وٺين ته پنهنجي الڳ قومي حڪومت قائم ڪن. جڏهن زبردستيءَ واري ڳالهه، ڦرلٽ وارو عنصر وچان نڪري ويندو، تڏهن قومون رضا خوشيءَ سان پنهنجي پنهنجي فائدي لاءِ هڪٻئي جي ويجهو ايندين ۽ پاڻ ۾ ملي کير کنڊ ٿي وينديون. انهيءَ وچ ۾ حاڪم ۽ زوراور قومن جي پورهيتن جو فرض آهي ته پنهنجي ئي فائدي لاءِ محڪوم ۽ مظلوم قومن جي آزاديءَ جي حق جي وڪالت ڪن، پنهنجي پورهيت عوام کي اُن لاءِ ذهني طرح تيار ڪن ۽ اُن لاءِ جدوجهد ڪن. اِن ريت مظلوم قومن جي عوام کي ظالم قومن جي پورهيتن تي ڀروسو ٿيندو ۽ هو ساڻن ٻڌي ڪرڻ لاءِ تيار ٿيندا. اُن ٻڌيءَ ذريعي هو سڀ گڏجي، پنهنجن دشمنن سان وڙهي، پنهنجي نجات حاصل ڪري سگهندا" مارڪس ۽ اينجلس انهيءَ خيال کان وڏين يورپي قومن جي سوشلسٽن جي قوميت کان انڪار ڪندڙ لاڙي خلاف زبردست جدوجهد ڪئي ۽ انهن جي اڪل ڪٽر قومپرستيءَ کي بي‌نقاب

Gul Hayat Institute

۽ اڳڀاڙو ڪيو.*

مارڪس ۽ اينجلس يورپ جي تجربي کان پوءِ ان نتيجي تي پهتا ته يورپ جي انقلاب کي مکيه هٿي ايشيا ۽ آفريڪا جي غلام ۽ اڌ غلام قومن جي آزاديءَ جي جدوجهد مان ملندي. هنن هندستان، چين، انڊونيشيا، مصر، الجزائر، ايران وغيره غلام ۽ اڌ غلام ملڪن جي تاريخ جو گهڻو مطالعو ڪيو ۽ اڳڪٿي ڪئي ته اهي جدوجهدون يورپي سرمائيداريءَ جون پاڙون ڪمزور ڪري ڇڏينديون ۽ يورپي پورهيتن کي يورپ ۾ انقلاب آڻڻ لاءِ ميدان ساز گار ڪري ڏينديون. (ڏسو مارڪس ۽ اينجلس جي مقالن جو مجموعو- ”بيٺڪون“)

۱۸۹۶ع ۾ بين‌الاقوامي سوشلسٽ ڪانگريس اهو فيصلو ڪيو ته ’دنيا جا پورهيت انقلابي انهيءَ ڳالهه لاءِ جدوجهد ڪن ته هر ڪنهن قوم کي پنهنجي قسمت جو فيصلو پاڻ ڪرڻ جو حق ڏنو وڃي.‘

۱۹۰۳ع ۾ روسي ڪميونسٽ پارٽيءَ جو صحيح معنيٰ ۾ بنياد رکيو ويو. ان پارٽي ڪانگريس پنهنجي پروگرام جي- قلم ۹- ۾ گهر ڪئي ته ”روس جي غلام قومن کي پنهنجي سياسي مستقبل جي پاڻ فيصلي ڪرڻ جي آزادي ڏني وڃي“. انهيءَ فقري جي خلاف مها روسي ذهنيت رکندڙ روسي سوشلسٽن زبردست اعتراض

---

* پڙهو ”مارڪس ۽ اينجلس جا چونڊ خط“ پراگريس پبلشرس، ماسڪو.

Gul Hayat Institute

ويجهي سگهي ٿو. انقلاب جو مرڪز سرمائيدار يورپ مان ڦري ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي غلام ۽ اڌ غلام ڪندن ۾ اچي چڪو آهي. هي دور يورپ ۽ آمريڪا ۾ انقلابن جو نه، پر ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي قومي آزاديءَ جي جدوجهدن جو آهي. اهي جدوجهدون انهن علائقن مان سامراجين جا تڏا پٽي، سندن ڦرلٽ جا وسيلا بند ڪري، سندن گهر ۾ گهوٽالو وجهي، ڪين ڪُٽائي، انقلاب لاءِ ميدان تيار ڪنديون. جڏهن يورپ ۽ آمريڪا جي مزدورن کي ايشيا ۽ آفريڪا جي مفت جي مال مان پٽي ملڻ بند ٿيندي، تڏهن سندن اکيون کلنديون ۽ هو پنهنجي طبقاتي دشمن سان سازباز ڪرڻ بدران انهن خلاف جدوجهد ڪندا. اهڙيءَ ريت هڪ طرف مظلوم قومن جي آزاديءَ جي جنگ جا شعلا، ته ٻئي طرف آمريڪا ۽ يورپ جي پورهيتن، غريبن، جمهوريت پسندن ۽ نسلي ظلم جي ماريل ماڻهن جي جدوجهد جي آگ پاڻ ۾ گڏجي، سامراج کي ڀسم ڪري ڇڏيندي:

ٽي انٽر نيشنل جي ٻي ڪانگريس اِنهيءَ نتيجي تي پهتي هئي ته ايشيا، آفريڪا ۾ قومي جدوجهد لازمي طرح وچين طبقي جي سرمائيدار جمهوري جدوجهد هوندي. پر چيني، ويٽنامي، ڪوريائي، ڪيوبائي ۽ ڏکڻ يمني انقلابن ثابت ڪري ڏيکاريو ته قومي جدوجهد صحيح معنيٰ ۾ فقط تڏهن ڪامياب ٿيندي، جڏهن (١)

Gul Hayat Institute

مارڪس جو پوئلڳ هڪڙيءَ گهڙيءَ لاءِ به مظلوم يوڪراني قوم جي روسين سان برابريءَ جي گهر-يا سندن روس کان الڳ پنهنجي خودمختيار حڪومت قائم ڪرڻ جي حق کي وساري ٿو، سو سڪڙو وچين طبقي جي روسي قوم پرستيءَ ۾ نه، پر بدترين رجعت پرست روسي قوم پرستيءَ جي گنديءَ ڏٻ ۾ ڦاسي پوندو." (صفحو ۲۸-۲۹) - "روزا لڪسمبرگ پولينڊ جي ناجائز قوم پرستيءَ جي جدوجهد جي وهڪري خلاف ايترو ته لڙهي ويئي آهي، جو ڪيس روسي ڪٽر قوم پرستن جي قوم پرستي وسري ويئي آهي. حالانڪ اها ڪٽر قوم پرستي هن وقت جمهوريت ۽ پورهيت جدوجهد جي راهه ۾ سڀ کان وڏي رڪاوٽ آهي...." (صفحو ۷۰) - "قومن جي علحدگيءَ جي حق کي رد ڪرڻ جي معني اها ٿيندي ته ڏاڍي ۽ زوراور قوم جيڪي خاص رعايتون ڦٻايو ويٺي آهي ۽ پوليس راڄ جا انتظامي طريقا استعمال ڪري ٿي، تن جو بچاءُ ۽ وڪالت ڪريون." (صفحو ۸۱) - جيڪي ماڻهو اهو راڳ آلاپين ٿا ته انقلاب کي فقط وڏيرن ۽ سرمائيدارن کان خطرو آهي ۽ انهيءَ بهاني قومي جدوجهدن کي نندين ٿا، تن لاءِ لينن هيٺين چيو آهي: "اسان کي سڄي روس (يعني سڄي ملڪ) کي خيال ۾ رکي، سياسي مسئلن کي پيش ڪرڻ کپي، ۽ روس جي سياست تي روسي قوم جا رجعت پرست ڇانيل آهن. سندن خيال

Gul Hayat Institute

هر هنڌ حاوي آهن. پارليامينٽ، اسڪولن، ديولن، فوجي
بيرڪن ۽ سوين هزارين اخبارن ۾ اِهائي وٽ وٺان آهي
تہ غير روسي علحدگي پسند آهن ۽ الڳ ٿيڻ بابت پيا
سوچين. زوراور قوم جي اِنهيءَ قوم پرستيءَ جو اِهو
زهر سڄي روس جي سياسي ماحول کي زهريلو بنائي
رهيو آهي. هيءَ هن قوم (يعني روسي قوم) جي
بدقسمتي آهي، جو آها ٻين قومن کي غلام بنائي،
خود پنهنجو پاڻ رجعت.پرستيءَ جو شڪار ٿي رهي
آهي .... قومن جي علحدگيءَ جي حق کي تسليم نہ
ڪرڻ جي معنيٰ آهي بدترين موقع پرستيءَ جو شڪار
ٿيڻ ۽ پورهيت طبقي کي سنڌن قوم جي رجعت پرست
خيال جي زهريلن جيوڙن جو شڪار بنائڻ." (صفحو
١١٤) جيڪي ماڻهو پاڻ کي ترقي پسند سڏائيندي،
خود پنهنجي قوم جي پورهيتن کي اِها تعليم نٿا ڏين
تہ قومي جدوجهد جي پرزور تائيد ڪئي وڃي يا فقط
زباني طرح جدوجهد جي حمايت ڪن ٿا پر عملي طرح
ان جي حمايت نٿا ڪن، تن لاءِ لينن هيئن چيو آهي:

"جيڪڏهن ماڻهو پانئي تہ مارڪسي سياستدان
ٿيان تہ اُن جو فرض آهي تہ هو السيس * جي باري
۾ جرمن سوشلسٽ بدمعاشن تي حملو ڪري، چاڪاڻ
جو هو السيس کي پنهنجي الڳ حڪومت قائم ڪرڻ

* السيس تي فرانس ۽ جرمنيءَ وچ ۾ تڪرار هو.

ڪن، اهڙا سوشلسٽ ناجائز قوم پرست ۽ سامراجي
چمچا آهن ۽ مٿن سامراجين جو وهايل رت ۽ ڪين
ٽڪيو پيو آهي."

جيڪي نقلي ترقي پسند چون ٿا ته 'خالص
سوشلسٽ انقلاب لاءِ جدوجهد ڪريو ۽ وچ ۾ پيو
ڪوبہ ڦڏو نہ وجهو، قومي جدوجهد جو مسئلو ڪڙو نہ
ڪريو' اهڙن "خالص" سوشلسٽن کي ليئن هي جواب
ڏنو آهي:

"اهو خيال ڪرڻ ته سماجي انقلاب بيٺڪن
(ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي غلام ملڪن) ۽
يورپ جي ننڍڙين قومن جي بغاوتن کان سواءِ ٿي ايندو،
يا وهمي ۽ تعصبي ڇوٽي وچين طبقيءَ جي ڪنهن حصي
جي انقلابي هلچل کان سواءِ ايندو، سياسي شعور نہ
رکندڙ پورهيت ۽ اڌ پورهيت عوام طرفان زميندارن،
ملن، پادرين، ڀاڻيڻ، پيرن، بادشاهن، قومي ظالمن خلاف
تحريڪ کان سواءِ ايندو، سو ٿيندو خود سماجي انقلاب
کان انڪار ڪرڻ. اهڙن ماڻهن جو خيال آهي ته
هڪڙيءَ فوج کي گهرجي ته ڪنهن هنڌ صفون ٻڌي
بيهي چوي، 'اسين سوشلزم جا حامي آهيون!' ۽ ٻئي
هنڌ وري ٻي فوج قطارون ٻڌي، بيهي چوي، 'اسين
سامراج جا حامي آهيون!' اهڙيءَ ريت سماجي انقلاب
اچي ويندو!.... جيڪو بہ اهڙي 'خالص' سماجي انقلاب
جي آس رکيو ويٺو هوندو، سو مرڻو مري ويندو، سماجي

ٻڌران_پنهنجي دشمنن جا پيچ لٽڪائڻو ڪمي ۽ ڪمدار ٿي بيٺا آهن. پنجابي-پناهگير عوام جو وڏي ۾ وڏو دشمن پناهگير- پنجابي، زميندار، سرمائيدار ۽ سندن دلال وچون طبقو آهي. انهن طبقن جي طاقت جون جڙون بنگال، سنڌ، بلوچستان، سرحد ۽ پنجاب ۾ آهن. جيڪڏهن پناهگير- پنجابي عوام پنهنجي دشمن طبقي کان نجات حاصل ڪرڻ چاهي ٿو ته هن کي گهرجي ته نقلي ترقي پسند گروه کي ٿوڪاري، انهن کان جند ڇڏائي، پنهنجي مفاد طور پاڪستان جي مظلوم قومن جي عوام سان ملي، انهن هنڌن تي پنهنجي دشمن طبقن جون جڙون پٽي ڪڍي ۽ کين ڪمزور ڪري، ته جيئن هو آسانيءَ سان انهن پنهنجن دشمن طبقن کي زير ڪري سگهن.

قومي جدوجهد جو پناهگير- پنجابي نقلي ترقي- پسند نظريو ← (١) پورهيت دشمن (٢) عوام دشمن (٣) انقلاب دشمن، (٤) ڪٽر قوم پرست، (٥) تنگ- طبقي پرست، (٦) سنڌ دشمن، (٧) پاڪستان جي سمورين مظلوم قوميتن جو دشمن، (٨) رجعت پرست نظريو آهي، جو پنجابي- پناهگير زميندارن- سرمائيدارن جي دلالي ۽ چاڪري ڪندي، (١) پنجابي- پناهگير پورهيت عوام کي گمراهه ڪري، پنهنجن سچن ساٿين يعني مظلوم قومن جي عوام کان ڪاٽي، انهن جو دشمن بنائي ٿو، (٢) کين پنجابي- پناهگير زميندارن- سرمائيدارن سان مجرمانه ساٽ ڏيڻ واريءَ واٽ تي

Gul Hayat Institute

هلارائي ٿو، (٣) ڪين پاڪستاني عوام جي گڏيل عوامي جدوجهد جي دشمن ۽ غدار جي پارٽ ادا ڪرڻ لاءِ آياري ٿو. ٻئي طرف اهو مظلوم قومن جي جدوجهد کي ڌڪ هڻي، (١) پنجابي - پناهگير زميندارن ۽ سرمائيدارن جا سامراجي ڦرلٽ جا مورچا بچائي ۽ سلامت رکي ٿو، (٢) انقلاب ۽ سوشلزم سان غداري ڪندي، ڪين مظلوم قومن ۾ بدنام ۽ خوار ڪري، عوام کي انهن کان بدظن ۽ بيزار ڪري ٿو، (٣) انقلاب دشمن ۽ سوشلسٽ دشمن قوتن کي تقويت پهچائي ٿو، (٤) مظلوم قومن جي پورهيت عوام کي وڏيرن، خانن، سردارن، سرمائيدارن ۽ رجعت پرست ملن جي جهوليءَ ۾ اڇلائي ٿو، ۽ (٥) وڏيرڪي ڪوڙي قوم پرستيءَ کي زور وٺائي ٿو.

قومي جدوجهد جي پناهگير - پنجابي نقلي ترقي-پسند نظريي خلاف جدوجهد قومي نجات، پورهيت اتحاد، عوامي انقلاب ۽ سوشلزم واسطي جدوجهد آهي. اها هن دور جي اهم ترين قومي ۽ انقلابي تقاضا آهي.

Gul Hayat Institute

نومبر آڪٽوبر

١٩٧٣

# قومي جدوجهد جو سنڌي
# انقلابي وطن دوست نظريو

●

پس منظر: سنڌي عوام جي مسئلن ۽ مقصدن کي سمجهڻ لاءِ اسان کي نه رڳو سنڌ يا سڄي پاڪستان جي صورتحال سمجهڻي پوندي، پر ساڳئي وقت سڄيءَ دنيا جي صورتحال تي به ويچار ڪرڻو پوندو. اسان کي نه رڳو اڄ ۽ ڪالهه بابت سوچڻو پوندو، پر سڀاڻي بلڪ پرينهن تي به ويچار ڪرڻو پوندو.

## سنڌ کي سمجهڻ لاءِ سڄيءَ دنيا کي سمجهڻ ضروري آهي.

سنڌي عوام کي گذريل پنجويهن سالن ۾ آل انڊيا سياست، آل پاڪستان سياست ۽ بين الاقوامي انقلابي سياست جي آڙ ۾ تمام گهڻو ستايو، ڦريو، لٽيو ۽ پيڙيو ويو آهي. تنهنڪري ڪير جو ڪاٺل جهڻ ڦوڪي پيئي ’وانگر ڪي محب وطن چون ٿا ته ” بيءَ دنيا کي ڇڏيو! خالص سنڌ جي ڳالهه ڪريو!“ اها ڳالهه هن حد تائين بلڪل صحيح آهي ته سنڌي عوام جي سياست کي ملڪ جي بين حصن يا بين ملڪن يا دنيا جي سياست جو پيچ هرگز نه بنائڻ گهرجي. پر اُن ڪانءِ اڪيلي ڳالهه صحيح نه ٿيندي. سنڌ جي سياست جا ملڪ جي بين حصن جي سياست سان ۽ ملڪ جي سياست جا دنيا جي بين ملڪن جي سياست سان بيشمار اڻ ٽٽندڙ ۽ اڻ لکا لاڳاپا ۽ ناتا آهن.

پاڪستان جا سمورا مظلوم عوام ساڳيءَ پيڙهيءَ ۾ چڙهيل آهن. ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جون مظلوم قومون ٻيءَ ساڳي پيڙهيءَ ۾ چڙهيل آهن. سڄيءَ دنيا جا سمورا مظلوم طبقا ۽ مظلوم قومون ٽيءَ ساڳيءَ پيڙهيءَ ۾ چڙهيل آهن. انهن پيڙهين کي جيڪو لهر لوڏو اچي ٿو، اهو سڀني تي اثر ٿو وجهي. اِن ڪري سنڌي عوام کي اها صلاح ڏيڻ ته هو اٿ پکيءَ وانگر واريءَ ۾ سسي لڪائي، رڳو زبان سان ويهي 'سنڌ سنڌ' ڪن، سا ڳالهه سنڌ ۽ سنڌي عوام لاءِ فائدي واري نه ٿيندي.

تنهن کان سواءِ، فقط سنڌ جي ڳالهه ڪرڻ ممڪن به نه آهي. مثال طور سنڌ جي تاريخ ۾ ايرانين، يونانين، عربن، افغانن، مغلن ۽ انگريزن جي ذڪر کان سواءِ سنڌ جي صحيح تاريخ بيان ڪرڻ ناممڪن آهي. درحقيقت اڳي اسان جي ڪمزوريءَ جو وڏو سبب هو ئي اهو، جو ٻيءَ دنيا کي اسان جي قوتن ۽ ڪمزورين جي خبر هئي، پر اسان کي ٻيءَ دنيا جي ڪابه خبر ڪانه هئي. اِن ڪري سنڌ کي سمجهڻ لاءِ اهو ضروري آهي ته سنڌ، جنهن دنيا ۾ رهي ٿي، اُن جي ڪُوڙهي ڄاڻ، يا گهٽ ۾ گهٽ تلهي ليکي ڄاڻ، حاصل ڪئي وڃي.

## قومي غلاميءَ جا ٻه روپ —
## ٻاهرين غلامي ۽ اندرين غلامي

سنڌ سوين سال آزاد ۽ خودمختيار رهي آهي، ۽ سوين سال غلام به رهي آهي. سمن جي خود مختيار راڄ

Gul Hayat Institute

جو ڪو نه ڪو علاج پيدا ٿي چڪو آهي.

## پنج سماجي نظام

اندازو لڳايو ويو آهي ته انسان ذات کي انسان جي حيثيت ۾ ڌرتيءَ تي رهندي اٽڪل ڇهه لک سال ٿيا آهن. انهيءَ عرصي ۾ انسان ذات ڇئن مکيه دورن مان لنگهي آهي: (١) قديم راڄوڻي نظام، (٢) غلاميءَ وارو نظام، (٣) زميداري ۽ جاگيرداري نظام، (٤) سرمائيداري نظام.

سرمائيداري نظام پنهنجي اوائلي عمر ۾ هڪ ترقي پسند نظام هو. هاڻي اهو هڪ هنيءَ ۽ سامراج جي منزل تي پهچي، پوڙهو ۽ مدي خارج ٿي ويو آهي ۽ پنهنجي خاتمي جي ويجهو اچي رسيو آهي. هن صديءَ جي شروعات ۾ سرمائيداري نظام جي ڪک مان هڪڙي نئين نظام جنم ورتو آهي. اهو آهي سوشلسٽ نظام. انهيءَ ڪري هن دور کي غلام بنائيندڙ نظام جي پڄاڙيءَ ۽ سوشلسٽ انقلابن جي شروعات جو دور ڪري سڏيو وڃي ٿو.

## تاريخ جو نرالو نئون دور

هيءَ دور، هيٺين ڳالهين ڪري، اڳين سمورن تاريخي دورن کان نرالو ۽ اُبتڙ آهي:-

١- اڳي به سدائين سماجي انقلاب ايندا رهيا آهن ۽ دور به بدلبا رهيا آهن. قديم راڄوڻي نظام جي جاءِ غلاميءَ جي نظام ورتي. غلاميءَ جي نظام جي جاءِ زميداري جاگيرداري نظام ورتي. جتي سرمائيداري

دشمن کان گوءِ کٽي ويا آهن.

٤- اڳي فقط دنيا جي ڦورن، ظالمن ۽ غلام بڻائيندڙن جي وچ ۾ ٻڌي ۽ ايڪو هوندو هو، ۽ هو، وقت سر، عوام خلاف هڪٻئي جي ناجائز مدد ڪندا هئا. هاڻي خود انقلابي عوام، انقلابي طبقن، انقلابي قومن ۽ انقلابي حڪومتن جي وچ ۾ اتحاد پيدا ٿي رهيو آهي ۽ ڏينهون ڏينهن وڌي ويجهي رهيو آهي. هو سڌي خواه اڻسڌي نموني، مهل سر، هڪٻئي جي مدد ڪندا رهيا آهن ۽ ڪن پيا.

٥- اڳي فقط عوام-دشمن کي مظلوم ملڪن ۽ قومن ۾ پنهنجا ساٿي ۽ مددگار ملندا هئا، جي هنن جي پاران ان ملڪ ۽ قوم جي طاقت کي اندران کائي، سُري وانگر ڪمزور ڪندا هئا، ۽ سندن واسطي رستو صاف ڪندا هئا. هاڻي خود ظالمن جي ڪئمپ اندر، اتي جا انقلابي عوام ۽ طبقا، مظلوم ملڪن ۽ قومن جي حمايت ۾، پنهنجي ملڪ جي ظالمن ۽ ڦورن جي گهر ۾ گهوٽالو وجهي، کين ڪمزور ڪن ٿا ۽ سڌيءَ خواه اڻ سڌيءَ طرح مظلوم ملڪن ۽ قومن جي واهر ڪن ٿا.

٦- اڳي فقط عوام-دشمن کي خبر هوندي هئي ته عوام جي اندر جيڪي تضاد ۽ تفرقا قدرتي طرح آهن، تن کي هٿرادي نموني ڪيئن تيز، اونهو ۽ ويڪرو ڪجي. هاڻي انقلابي عوام، انقلابي طبقن کي به اِها خبر پئجي ويئي آهي ته دشمن جي ڪئمپ ۾

ٻئي مظلوم عوام وانگر سنڌي عوام به سڀ ڪنهن قسم جي قرلٽ ۽ ارهه زورائيءَ کان ڇوٽڪاري حاصل ڪرڻ بابت سوچي ويچاري ۽ رٿابندي ڪري سگهي ٿو.

## سنڌي عوام جي جدوجهد جي الڳ حڪمت عمليءَ جي ضرورت ڇو آهي؟

هونئن ته، تمام ڊگهي نظر ڏاري، ڏسبو، ته پاڪستان جي سموري مظلوم ۽ پورهيت عوام جا دائمي ۽ بنيادي مفاد ساڳيا آهن.

آهي آهن هر قسم جي اندروني خواهه ٻاهرينءَ، طبقاتي خواهه قومي غلاميءَ کان ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ ۽ سڪئي ستابي ٽيڻ جا ڀرپور موقعا ۽ وسيلا حاصل ڪرڻ. پر ڪيترين ڳالهيون اهڙيون به آهن، جن ۾ پاڪستان جي مختلف ماڻهن ۾ فرق، اڻ برابريون، تضاد، ٽڪر ۽ مقابلا موجود آهن. هر علائقي جا عوام پنهنجي ٻولي، پنهنجي ثقافت ۽ پنهنجو خاص تاريخي تجربو رکن ٿا. سماجي واڌاري جي ڏاڪڻ تي سڀني صوبن جا عوام ساڳئي ڏاڪي تي ناهن. بلوچستان اڃا قبائلي دور ۾ آهي. سرحد ۾ قبائلي، جاگيرداري ۽ سرمائيداري دور گڏوگڏ هلي رهيا آهن. سنڌ ۾ به ڪراچيءَ کان سواءِ ٻين هنڌ اڃان قبائلي ۽ وڏيرڪو دور آهي. پنجاب تيزيءَ سان سرمائيداري دور ڏانهن وک وڌائي رهيو آهي. سنڌ جي ڪراچيءَ وري حصي ۾ سرمائيداريءَ جو راڄ آهي. انهيءَ ڪري هر علائقي

جي عوام جا مسئلا ساڳيا ناهن. نڪي اُنهن جا حل ساڳيا ٿي سگهن ٿا. جيڪڏهن هر علائقو پنهنجي نوس حالتن پٽاندر، پنهنجي مسئلن جا اهڙا صحيح حل ڳولي ڪڍي، جي ساڳئي وقت پاڪستان جي سموري مظلوم عوام جي مفادن سان به بنيادي ۽ دائمي ٽڪر نه کائين، ته پوءِ سموري پاڪستان جي عوام جي گڏيل مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ ڪابه بنيادي ڏکيائي نه ٿيندي. اهوئي سبب آهي، جو اسين پنهنجي عوام جي خاص حالت ۽ مسئلن بابت سوچ ويچار ۽ رٿابندي ڪنداسين، ته نه رڳو سنڌي عوام جا مسئلا حل ٿيندا، پر سموري پاڪستان جي مظلوم عوام جي مسئلن حل ڪرڻ ۾ وڏي مدد ۽ هٿي ملندي. اِن نظر سان ڏسبو ته سنڌي عوام جي مسئلن بابت سوچ ويچار ۽ رٿا ڪرڻ ساڳئي وقت سموري پاڪستان جي مظلوم عوام جي مسئلن بابت سوچ ويچار ۽ رٿا ڪرڻ جي مقصد ڏانهن هڪ اهم اڳتي وڌندڙ وک آهي.

## مقصد

### سنڌي انقلابي وطن دوست جدوجهد

### جو ڊگهي مدي وارو مقصد.

اُهو مقصد هي آهي: سنڌي عوام کي ٻاهرين خواهه اندروني ڦرلٽ، غلاميءَ ۽ ظلم کان مڪمل ڇوٽڪارو ڏياري، ڪيس سنڌس تاريخ ۾ پهريون ڀيرو، پنهنجي قسمت، دولت ۽ پورهئي جو مڪمل طرح مالڪ بنائڻ ۽ سنڌس هٿان هڪ نئون شانداز سماج اڏائڻ.

Gul Hayat Institute

وڏيرا شاهيءَ جا قومي تحريڪ اندر دلال سنڌي نقلي قوم پرست. (٥) سرحد ۽ بلوچستان جي سردار شاهي ۽ خان شاهي.

## بنيادي قوتن (سنڌي عوام) جا ساٿي يا اتحادي

(١) محب وطن ڇوٽو وچون طبقو. (٢) محب-وطن آبادگار، (٣) سنڌي وچين ۽ زميندار طبقن جا محب وطن ۽ روشن خيال فرد ۽ ٽولا. (٤) بلوچ ۽ پٺاڻ عوام. (٥) پنجابي-پناهگير عوام جا قومي انصاف ۽ برابريءَ جي اصولن جا سچا پڪا ۽ بااصول حامي ٽولا ۽ فرد. (٦) دنيا جا سامراج دشمن يا آزادي پسند انقلابي عوام ۽ قوتون. (٧) اهي سمورا طبقا، ٽولا ۽ ماڻهو، جيڪي جيتوڻيڪ سنڌي عوام جي حق پرست جدوجهد جي عملي حمايت نٿا ڪن يا پاڻ ان جدوجهد جي مخالفت ڪن ٿا، پر ساڳئي وقت هو سڀ ڪان پهرين سنڌي عوام جي بدترين دشمنن جي عملي مخالفت ڪن ٿا ۽ کين ڪمزور ڪري اڻسڌيءَ طرح سنڌي عوام جي جدوجهد کي تقويت پهچائين ٿا. (مختلف قوتون، طبقا ۽ ماڻهو، مختلف وقتن تي اهو ڪردار ادا ڪندا رهن ٿا.) (٨) اهي طبقا، قوتون، ٽولا ۽ ماڻهو، جي ڪنهن وقت يا ڪنهن مسئلي تي سنڌي عوام جي سمورن مقصدن يا ڪنهن خاص مقصد جي ٿوري يا گهڻي حمايت ڪن ٿا. (اهي ساڳيا ٻين وقتن ۽ ٻين هنڌن تي وري سنڌي عوام جي مقصدن جي مخالف ڪن ٿا.)

Gul Hayat Institute

ٻوليءَ ۽ ثقافت جي واڌاري لاءِ جيڪا جمهوري جدوجهد ڪري رهيا آهن، ان جو ٻه اسان کي ساٿ ڏيڻ کپي، ۽ ان ساٿ جي آڌار تي جيتري قدر ٿي سگهي، پنجاب جي انصاف پرست ۽ سمجهو حلقن ۽ ٽولن کي پنهنجي نقطي نظر کان واقف ڪرڻ کپي، ۽ پنجاب جي رجعت پرست ۽ چڙهت عوام دشمن ٽولن کي پنجابي عوام اڳيان اڪيلو ۽ نروار ڪرڻ کپي. ساڳيءَ طرح سان پناهگير عوام سان ٻه ڪن انفرادي مورچن تي ڪو محدود ڳاهه ٿي سگهي ته ڪجي، ته جيئن جيتري قدر ٿي سگهي اوتري قدر چڙهت ۽ رجعت پسند عنصرن کي خود پناهگير عوام ۾ اڪيلو ۽ بي يارومددگار ڪري سگهجي. ساڳيءَ طرح پناهگير- پنجابي پورهيت طبقو پنهنجي حقن لاءِ ڪا جدوجهد لڙي، ته ان جي بااصول حمايت ڪرڻ کپي ۽ ڪين احساس ڏيارجي ته اسين بااصول ۽ ڏکهي نظر وارا آهيون. پر انهيءَ سموري عمل ۾ اهو مڪمل احتياط ڪيو وڃي ۽ هر وقت صاف ظاهر ڪندو رهڻ کپي ته اسين سنڌي عوام جي حقن جي باري ۾ ڪنهن به قسم جو ناجائز سمجهوتو، خاموشي، درگذري يا چشم پوشي ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون.

### مخالف - سڀ زميندار نه پر فقط ظالم، وطن دشمن ۽ غدار وڏيرا.

وڏيرا شاهيءَ بنسبت هن منزل تي اسان جو زرعي پروگرام هي هئڻ کپي، ته اسين زميندار طبقي جي

عوامي اتحاد جي ناليءَ عوام تي پنهنجي ڊڪٽيٽرشپ قائم نہ ڪري سگهن.

عملي جدوجهد جو دارومدار سموري عوام تي رکيو وڃي ۽ نہ ڪن ٿورڙن ليڊرن يا سرگرم ڪارڪنن تي.

## عوامي جدوجهد کي مختلف مورچن ۾ ورهائڻ

جدوجهد کي مختلف ننڍڙن مورچن ۾ ورهايو وڃي، تہ جيئن جيڪي ماڻهو سچي گڏيل جدوجهد بابت اهڙا جوشيلا ۽ سرگرم ناهن، سي پنهنجي پسند واري مورچي تي سرگرميءَ ۽ سرجوشيءَ سان ڪم ڪري سگهن. جيڪي سچي جدوجهد ۾ اسان جا حمايتي ناهن، بلڪ جيڪي سچي جدوجهد جا مخالف آهن پر ڪنهن خاص عوامي سوچ جا حاميءَ مددگار بڻائي سگهجن ٿا سي پلي اُن مورچي تي ڪم ڪن. ڪوشش اها ڪئي تہ اسين مجموعي طرح عوام دشمنن کان وڏيءَ پاريءَ اڪثريت ۾ هجون، ۽ پڻ ڌار ڌار مورچن مان هر هڪ مورچي تي بہ ان مورچي جي مخالفن کان وڏيءَ اڪثريت ۾ هجون.

اسان کي ڪابہ عوامي مهم، تحريڪ يا سياسي مقابلو، سواءِ پوريءَ جانچ ۽ ڀرپور اڳواٽ تياريءَ جي، شروع نہ ڪرڻ کپي. اسان کي فقط اُنهن ڳالهين جو سڏ ڏيڻ کپي، جن لاءِ اسين ڪين اڳواٽ نظرياتي ۽ ذهني طرح تيار ڪري چڪا هجون، ۽ اسان کي

Gul Hayat Institute

ذهني گند، رهڻيءَ ڪهڻيءَ ۽ خيالن ڪي ٻاڻ مان تڙي ڪڍيو هجي. اُنهن جي ذهنن تي صرف هڪڙوئي مقصد سوار هجي ۽ اُهي ٻيءَ ڪنهن لالچ، فريب يا آسائش جي طلب جا شڪار نہ ٿين. اُنهن ۾ اُهي خصلتون هئڻ کپن، جيڪي سنڌي عوام جي انقلابي هادي ۽ مرشد، لطيف سائينءَ، ڪاهوڙين، سامين، هنجن، مارون، سسئين ۽ ڏياچن جون بيان ڪيون آهن.

اُنهيءَ تنظيم جو فرض هوندو تہ هوءَ پورهيت طبقي جي اڳواڻيءَ هيٺ سنڌي عوام جي سڀني وطن-دوست طبقن، ٽولن ۽ ماڻهن کي هڪڙي گڏيل عوامي پروگرام جي جهنڊي هيٺ گڏ ڪري، ڪين اتحاد جي واٽ تي اڳتي هلائي ۽ ڪٺن جدوجهد جي راهہ تي اڳتي وڌائي. ان پروگرام جا تفصيل ڪهڙا هئڻ کپن، تنهن تي ويچار ڪرڻ سنڌ جي سڀني وطن-دوست ٽولن ۽ فردن جو فرض آهي.

[”تحريڪ“ - جنوري، ١٩٧٤ع]

Gul Hayat Institute